القرآن الكريم

بامحاوره ترجمو

حضرت مولانا تاج محمود امروٽي رحمه الله


لفظي ترجمو

حضرت مولانا عبدالڪريم قريشي رحمه الله

پير شريف



Maktaba Tul Ishaat



تمام فنون کے کتب ہمارے ویب سائٹ اور پلے سٹور سے فری ڈاون لوڈ کریں۔ ہم روزانہ کی بنیاد پر اس میں مزید نئے کتب شامل کر رہے ہیں نئے شامل شدہ کتب لیے روزانہ ہمارے پلے سٹور اور ویب سائٹ کو باقاعدگی سے چیک کیا کریں۔

اپنی کتاب کو ہمارے ویب سائٹ پر شائع کرنے کے لیے رابطہ کریں

تفاسیر	خطبات	منطق
احایث	سیرت	معانی
فقہ	تاریخ	تصوف
سوانح حیات	صرف	تقابل ادیان
درس نظامی	نحو	تجوید
لغت	فلسفہ	نعت
فتاوی	حکمت	تراجم
اصلاحی	بلاغت	تبلیغ ودعوت
آڈیو دروس	مناظرے	تمام فنون

maktaba.tul.ishaatofficial@gmail.com

أَمَّنْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْأَرْضَ وَأَنْزَلَ لَكُمْ مِّنَ السَّمَآءِ مَآءً ۚ

چاڪنهن جوڙيو آسمانن ۽ ڌرتيءَ کي ۽ لاٿو توهان لاءِ آپ مان پاڻي.

(نہ بلڪ پڇون ٿا تہ) اهو ڪير آهي، جنهن آسمانن ۽ زمين کي بڻايو ۽ اوهان لاءِ آسمان مان پاڻي وسايو؟

فَأَنْبَتْنَا بِهٖ حَدَآئِقَ ذَاتَ بَهْجَةٍ ۚ مَا كَانَ لَكُمْ أَنْ تُنْبِتُوْا شَجَرَهَا ۗ

پوءِ ڄماياسون ان سان باغ تازگيءَ وارا، ناهي توهان لاءِ جو ڦُٽايو ان جا وڻ.

پوءِ اُن سان (هر طرح جا) رونق وارا باغ ڄماياسون، انهن (باغن) جي وڻن جي ڄمائڻ جي اوهان کي (ڪا سگهه) نہ هئي.

ءَ إِلٰهٌ مَّعَ اللّٰهِ ۗ بَلْ هُمْ قَوْمٌ يَّعْدِلُوْنَ ﴿٦٠﴾ أَمَّنْ جَعَلَ الْأَرْضَ

ڇا آهي ڪوئي پالڻهار الله سان، نہ پر اهي ماڻهو رستي کان لڙي ٿا وڃن. ڇاڪنهن ڪيو زمين کي

الله سان ڪو ٻيو معبود آهي ڇا؟ بلڪ اُهي (اهڙي) قوم آهن جو (سڌي رستي کان) لڙي هلندا آهن. (نہ بلڪ پڇون ٿا

قَرَارًا وَّجَعَلَ خِلٰلَهَآ أَنْهٰرًا وَّجَعَلَ لَهَا رَوَاسِيَ وَجَعَلَ

جاءِ رهڻ جي ۽ ڪيائين ان جي وچ ۾ واهہ ۽ وڌائين ان تي وزن ۽ ڪيائين

تہ) زمين کي ٽڪاءُ وارو ڪنهن ڪيو؟ ۽ اُن جي وچ ۾ نهرون (ڪنهن) پيدا ڪيون؟ ۽ مٿس جبل (ڪنهن) پيدا ڪيا؟

بَيْنَ الْبَحْرَيْنِ حَاجِزًا ۗ ءَ إِلٰهٌ مَّعَ اللّٰهِ ۗ بَلْ أَكْثَرُهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٦١﴾ ۗ

ٻن دريائن ۾ سنڌو، ڇا آهي ڪوئي مالڪ ٻيو الله سان گڏ، پر گهڻا انهن جا نہ ٿا ڄاڻ رکن.

۽ ٻن دريائن جي وچ ۾ (ڪنهن) اوٽ بڻائي؟ الله سان ڪو ٻيو معبود آهي ڇا؟ بلڪ انهن مان گهڻا نہ ڄاڻندا آهن.

أَمَّنْ يُّجِيْبُ الْمُضْطَرَّ إِذَا دَعَاهُ وَيَكْشِفُ السُّوْٓءَ وَيَجْعَلُكُمْ

ڀلا ڪير ٿو سڏ ڏئي اڙيل کي جڏهن سڏي ٿو ان کي ۽ ٽاري ٿو مصيبت ۽ ڪري ٿو توهان کي

(نہ بلڪ پڇون ٿا تہ) پريشان حال جي دعا ڪير قبول ڪندو آهي؟ جڏهن (هو) الله کي سڏيندو آهي ۽ (ڪير) تڪليف دور

خُلَفَآءَ الْأَرْضِ ۗ ءَ إِلٰهٌ مَّعَ اللّٰهِ ۗ قَلِيْلًا مَّا تَذَكَّرُوْنَ ﴿٦٢﴾ ۗ

والي ملڪ جو، ڇا آهي ڪو حاڪم الله کان سواءِ، ورلي ٿا نصيحت وٺو.

ڪندو آهي؟ ۽ اوهان کي زمين ۾ (ڪير اڳين جي) وارث ڪندڙ آهي؟ الله سان ڪو ٻيو معبود آهي ڇا؟ اوهين گهٽ نصيحت وٺندا آهيو.

أَمَّنْ يَّهْدِيْكُمْ فِيْ ظُلُمٰتِ الْبَرِّ وَالْبَحْرِ وَمَنْ يُّرْسِلُ الرِّيٰحَ

ڀلا ڪير ٿو دڳ لائي توهان کي اونداهين ۾ پٽ ۽ درياءَ جي ۾ ۽ ڪير ٿو موڪلي واءُ

(نہ بلڪ پڇون ٿا تہ) اوهان کي برّ ۽ بحر جي اونداهين ۾ ڪير (سڌو) رستو ڏيکاريندو آهي؟ ۽ پنهنجيءَ ٻاجهہ (يعني مينهن)

بُشْرًا بَيْنَ يَدَيْ رَحْمَتِهٖ ۗ ءَ إِلٰهٌ مَّعَ اللّٰهِ ۗ تَعٰلَى اللّٰهُ عَمَّا

واڌاين وارا پنهنجي مهر اڳيان، ڇا آهي ڪو مالڪ الله سان گڏ، مٿي آهي الله ان کان

کان اڳ خوشخبري ڏيندڙ هوائن کي ڪير گهلائيندو آهي؟ الله سان ڪو ٻيو معبود آهي ڇا؟ (ڪافر) جيڪي شريڪ مقرر ڪندا آهن:

يُشْرِكُوْنَ ﴿٦٣﴾ اَمَّنْ يَّبْدَؤُا الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيْدُهٗ وَمَنْ يَّرْزُقُكُمْ

جن کي شريڪ ٿا ڪن. چا ڪير ٿو نئون ٺاهي خلق کي پوءِ موٽائي ٿو ان کي ۽ ڪير ٿو روزي ڏئي ٿو توهان کي

تن کان الله تمام مٿاهون آهي. ڀلا نئين سر خلق ڪير بڻائيندو آهي؟ وري ٻيهر ان کي بڻائيندو. ۽ اوهان کي آسمان ۽

مِّنَ السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ ؕ ءَاِلٰهٌ مَّعَ اللّٰهِ ؕ قُلْ هَاتُوْا بُرْهَانَكُمْ

آسمان ۽ زمين مان، چا آهي ڪو ٻيو خدا الله سان گڏ، چؤ آڻيو پنهنجو دليل

زمين مان ڪير روزي ڏيندو آهي؟ الله سان ڪو ٻيو معبود آهي چا؟ (اي پيغمبر! ڪين) چئو ته، جيڪڏهن اوهين سچا

اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٦٤﴾ قُلْ لَّا يَعْلَمُ مَنْ فِى السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ

جيڪڏهن آهيو سچا تون چؤ نه ٿو ڄاڻي ڪو ٻه آسمانن ۽ زمين ۾

آهيو ته پنهنجي حجت آڻيو. (اي پيغمبر! ڪين) چئو ته، آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪي ٻه آهن، سي الله کان سواءِ

الْغَيْبَ اِلَّا اللّٰهُ ؕ وَمَا يَشْعُرُوْنَ اَيَّانَ يُبْعَثُوْنَ ﴿٦٥﴾ بَلِ ادّٰرَكَ

ڳجهه کي سواءِ الله جي، ۽ اهي نه ٿا ڄاڻن ته ڪڏهن اٿاريا ويندا. بلڪ ماندو ٿيو

ڳجهه نه ڄاڻندا آهن، ۽ نڪي ڄاڻندا آهن ته ڪڏهن وري اٿارِبا. بلڪ سندن ڄاڻپ

عِلْمُهُمْ فِى الْاٰخِرَةِ ۫ بَلْ هُمْ فِىْ شَكٍّ مِّنْهَا ۫ بَلْ هُمْ

علم انهن جو آخرت جي باري ۾، بلڪ اهي شڪ ۾ آهن انهي کان، بلڪ اهي

آخرت (جي نسبت) ۾ عاجز ٿي پيئي آهي، بلڪ اهي ڪانئس شڪ ۾ آهن. (نه!) بلڪ ان (جي سمجهه) کان

مِّنْهَا عَمُوْنَ ﴿٦٦﴾ ع وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا ءَاِذَا كُنَّا تُرٰبًا وَّاٰبَآؤُنَآ اَئِنَّا

انڪان انڌا آهن. ۽ چيو انهن جن ڪفر ڪيو چا جڏهن ٿينداسون اسان مٽي ۽ ابا ڏاڏا اسان جا چا اسان

انڌا آهن. ۽ ڪافر چوندا آهن ته، جڏهن اسين مٽي ٿينداسون ۽ اسان جا پيءُ ڏاڏا (به. تڏهن به) اسين وري

لَمُخْرَجُوْنَ ﴿٦٧﴾ لَقَدْ وُعِدْنَا هٰذَا نَحْنُ وَاٰبَآؤُنَا مِنْ قَبْلُ ۙ اِنْ

ڪڍيا وينداسون. وعدو ڏنا وياسون اهو اسان ۽ ابا ڏاڏا اسان جا اڳي ناهي

قبرن مان ڪڍباسون چا؟ بيشڪ اسان کي ۽ اسان جي پيءُ ڏاڏن کي هن کان اڳ انهيءَ (ڳالهه) جو انجام ڏنو ويو آهي.

هٰذَآ اِلَّآ اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿٦٨﴾ قُلْ سِيْرُوْا فِى الْاَرْضِ فَانْظُرُوْا

هي ڪجهه به مگر آکاڻيون اڳين جون. تون چؤ گهمو زمين ۾ پوءِ ڏسو

هيءَ رڳو اڳين جون آکاڻيون آهن. (اي پيغمبر! ڪين) چئو ته، زمين ۾ گهمو ۽ ڏسو ته

كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿٦٩﴾ وَلَا تَحْزَنْ عَلَيْهِمْ وَلَا تَكُنْ

ڪيئن ٿيو انجام ڏوهارين جو. ۽ نه غم ڪر انهن تي ۽ نه ٿيءُ

گنهگارن جي پڇاڙي ڪهڙيءَ طرح ٿي هئي. ۽ (اي پيغمبر!) مٿن ڏک نه ڪر ۽ سندن

فِي ضَيْقٍ مِّمَّا يَمْكُرُونَ ﴿٧٠﴾ وَيَقُولُونَ مَتَىٰ هَٰذَا الْوَعْدُ إِن كُنتُمْ

تنگي ۾ ان کان جو اهي فريب ٿا ڪن. ۽ چون ٿا ڪڏهن آهي اهو وعدو جيڪڏهن آهيو

فريب ڪرڻ کان خفتگيءَ ۾ نه رهه. ۽ چوندا آهن ته جيڪڏهن اوهين سچا آهيو ته اهو انجام ڪڏهن ٿيندو.

صَٰدِقِينَ ﴿٧١﴾ قُلْ عَسَىٰ أَن يَكُونَ رَدِفَ لَكُم بَعْضُ الَّذِي

سچا. تون چئو پري ناهي جو اچي پهچي توهان کي ڪجهه ان مان جنهن جي

(ڪين) چئو ته، جيڪي تڪڙو گهرندا آهيو، تنهن مان ڪجهه متان اوهان جي پٺيءَ پويان (ويجهو) هجي.

تَسْتَعْجِلُونَ ﴿٧٢﴾ وَإِنَّ رَبَّكَ لَذُو فَضْلٍ عَلَى النَّاسِ وَلَٰكِنَّ

تڪڙ ٿا ڪريو. ۽ بيشڪ تنهنجو رب مهربان آهي ماڻهن تي پر

۽ بيشڪ تنهنجو پالڻهار ماڻهن تي فضل ڪرڻ وارو آهي، پر گهڻا ماڻهو

أَكْثَرَهُمْ لَا يَشْكُرُونَ ﴿٧٣﴾ وَإِنَّ رَبَّكَ لَيَعْلَمُ مَا تُكِنُّ

گهڻا ماڻهو نه ٿا شڪر ڪن. ۽ بيشڪ رب تنهنجو ڄاڻي ٿو جيڪي لڪائن ٿا

شڪر نه ڪندا آهن. ۽ سندن سينا جيڪي لڪائيندا آهن ۽ جيڪي پڌرو ڪندا آهن.

صُدُورُهُمْ وَمَا يُعْلِنُونَ ﴿٧٤﴾ وَمَا مِنْ غَائِبَةٍ فِي السَّمَاءِ

سينا انهن جا ۽ جيڪي ظاهر ڪن ٿا. ۽ ناهي ڪا شيءِ ڳجهي آسمانن

سو تنهنجو پالڻهار بيشڪ ڄاڻندو آهي. ۽ آسمان ۽ زمين ۾ اهڙي ڪا (شيءِ) ڳجهي نه آهي،

وَالْأَرْضِ إِلَّا فِي كِتَابٍ مُّبِينٍ ﴿٧٥﴾ إِنَّ هَٰذَا الْقُرْآنَ يَقُصُّ

۽ زمين ۾ مگر موجود آهي دفتر بيان ڪندڙ ۾. بيشڪ هي قرآن پڌائي ٿو

جا پڌري ڪتاب ۾ (لکيل) نه آهي. بيشڪ هيءُ قرآن بني اسرائيلن کي

عَلَىٰ بَنِي إِسْرَائِيلَ أَكْثَرَ الَّذِي هُمْ فِيهِ يَخْتَلِفُونَ ﴿٧٦﴾ وَإِنَّهُ

بني اسرائيل کي ڪيتريون ئي شيون جن ۾ اهي اختلاف ٿا ڪن. ۽ بيشڪ اهو قرآن

گهڻيون اهي ڳالهيون بيان ڪندو آهي، جن بابت اهي تڪرار ڪندا هئا. ۽ بيشڪ اهو

لَهُدًى وَرَحْمَةٌ لِّلْمُؤْمِنِينَ ﴿٧٧﴾ إِنَّ رَبَّكَ يَقْضِي بَيْنَهُم

رهبر آهي ۽ رحمت آهي ايمان وارن لاءِ. بيشڪ رب تنهنجو فيصلو ڪندو انهن جي وچ ۾

مومنن لاءِ هدايت ۽ ٻاجهه آهي. بيشڪ تنهنجو پالڻهار پنهنجي حڪم سان سندن وچ ۾ نبيرو ڪندو

بِحُكْمِهِ ۚ وَهُوَ الْعَزِيزُ الْعَلِيمُ ﴿٧٨﴾ فَتَوَكَّلْ عَلَى اللَّهِ ۖ إِنَّكَ عَلَى

پنهنجي حڪم سان، ۽ اهو زبردست آهي علم وارو آهي. پوءِ تون ڀروسو ڪر الله تي، بيشڪ تون ئي

۽ اهو غالب ڄاڻندڙ آهي. پوءِ (اي پيغمبرا تون) الله تي ڀروسو ڪر بيشڪ تون پڌري سچي

الْحَقِّ الْمُبِيْنِ ﴿٧٩﴾ اِنَّكَ لَا تُسْمِعُ الْمَوْتٰى وَلَا تُسْمِعُ الصُّمَّ الدُّعَآءَ

حق پڌري تي آهين. تون نـ ٻڌائي سگھندين مُئن کي ۽ نـ ٻڌائيندين ٻوڙن کي سڏ

(دين) تي آهين. بيشڪ تون نڪي مُئن کي ٻڌائي سگھندين ۽ نڪي ٻوڙن کي سڏ ٻڌائي سگھندين.

اِذَا وَلَّوْا مُدْبِرِيْنَ ﴿٨٠﴾ وَمَآ اَنْتَ بِهٰدِى الْعُمْىِ عَنْ ضَلٰلَتِهِمْ ط

جڏهن موٽن پٺي ڏئي. ۽ ناهين تون رستو ڏيکاريندڙ انڌن کي سندن ڀلجڻ تي.

جڏهن (هو) پٺي ڏيئي ڦرن. ۽ نڪي تون انڌن کي سندن گمراهيءَ کان (موٽڻ لاءِ) سڌو رستو ڏيکاريندڙ آهين

اِنْ تُسْمِعُ اِلَّا مَنْ يُّؤْمِنُ بِاٰيٰتِنَا فَهُمْ مُّسْلِمُوْنَ ﴿٨١﴾ وَاِذَا وَقَعَ

رڳو تون ٻڌائيندين انهن کي جيڪي مڃين ٿا اسان جي آيتن کي پوءِ اهي مسلمان آهن. ۽ جڏهن پوندو

(تون) رڳو انهيءَ کي ٻڌائيندين جيڪو اسان جي آيتن تي ايمان آڻيندو پوءِ اهي فرمانبردار آهن. ۽ جڏهن

الْقَوْلُ عَلَيْهِمْ اَخْرَجْنَا لَهُمْ دَآبَّةً مِّنَ الْاَرْضِ تُكَلِّمُهُمْ لا اَنَّ

اهو قول انهن تي تـ ڪيدائسون انهن لاءِ هڪ جانور ڌرتي مان جو ڳالهائيندو انهن سان تـ

مٿن (عذاب جو) انجام لازم ٿيندو (تڏهن) انهن لاءِ هڪ جانور زمين مان ڪيدائسون. جو ساڻن ڳالهائيندو انهيءَ ڪري جو

النَّاسَ كَانُوْا بِاٰيٰتِنَا لَا يُوْقِنُوْنَ ﴿٨٢﴾ وَيَوْمَ نَحْشُرُ مِنْ كُلِّ اُمَّةٍ ع

ماڻهو اسان جي آيتن کي نـ مڃيندا هئا. ۽ جنهن ڏينهن گڏ ڪنداسون هر امت مان

ماڻهو اسان جي آيتن تي يقين نـ رکندا هئا. ۽ انهيءَ ڏينهن، جو سڀڪنهن امت مان اهڙي ٽوليءَ کي ڪَٺو ڪنداسون.

فَوْجًا مِّمَّنْ يُّكَذِّبُ بِاٰيٰتِنَا فَهُمْ يُوْزَعُوْنَ ﴿٨٣﴾ حَتّٰٓى اِذَا جَآءُوْ

هڪ ٽولو جو ڪوڙو ڪندو هئو اسان جي آيتن کي پوءِ اهي ٽولا ٻيهاريا ويندا. نيٺ جڏهن سڀ ايندا

جنهن اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڄاتو ٿي، پوءِ اُهي (هڪ ٻئي جي پهچڻ تائين) ٻيهاريا ويندا. تانجو جڏهن (سڀ) ايندا (تڏهن الله)

قَالَ اَكَذَّبْتُمْ بِاٰيٰتِىْ وَلَمْ تُحِيْطُوْا بِهَا عِلْمًا اَمَّا ذَا كُنْتُمْ

تـ فرمائيندو ڇا ڪوڙو ڪيو هئو توهان منهنجي آيتن کي ۽ نـ پهتي هئي انهن تي توهان جي سمجھ يا ٻڌايو توهان ڇا

چوندو تـ. اوهان منهنجين آيتن کي ڇو ڪوڙو ڄاتو هو؟ ۽ انهن کي اوهان سمجهو بـ نـ هيو يا (چئو تـ) اوهان ڪهڙو ڪم ڪيو ٿي؟

تَعْمَلُوْنَ ﴿٨٤﴾ وَوَقَعَ الْقَوْلُ عَلَيْهِمْ بِمَا ظَلَمُوْا فَهُمْ لَا يَنْطِقُوْنَ ﴿٨٥﴾

ڪندا هئا. ۽ پوندو اهو عتاب انهن تي جو ظلم ڪيائون پوءِ اهي ڪونـ ڳالهائيندا.

۽ سندن ظلم ڪرڻ سببان مٿن (عذاب جو) انجام لازم ٿي چڪو، پوءِ اُهي (ماڻهو) ڳالهائي نـ سگھندا.

اَلَمْ يَرَوْا اَنَّا جَعَلْنَا الَّيْلَ لِيَسْكُنُوْا فِيْهِ وَالنَّهَارَ مُبْصِرًا ط

ڇا نـ ڏٺائون جو ڪيوسون رات کي جيئن آرام ڪن ان ۾ ۽ ڪيوسون ڏينهن کي ڏسڻ لاءِ.

نـ ڏٺائون ڇا تـ. اسان رات کي (هن لاءِ) پيدا ڪيو تـ منجهس آرام وٺن ۽ ڏينهن کي روشن (بڻايوسون).

اِنَّ فِیْ ذٰلِكَ لَاٰیٰتٍ لِّقَوْمٍ یُّؤْمِنُوْنَ ﴿٨٦﴾ وَ یَوْمَ یُنْفَخُ

بيشڪ انهي ۾ نشانيون آهن انهن ماڻهن لاءِ جيڪي ايمان ٿا آڻين. ۽ جنهن ڏينهن ڦوڪيو ويندو

بيشڪ هن ۾ مڃيندڙ قوم لاءِ (منهنجي قدرت جون) نشانيون آهن. ۽ (ياد ڪريو) جنهن ڏينهن صور ۾ ڦوڪبو

فِی الصُّوْرِ فَفَزِعَ مَنْ فِی السَّمٰوٰتِ وَ مَنْ فِی الْاَرْضِ اِلَّا مَنْ

صور ۾ پوءِ گهٻرائيندا جيڪي آسمانن ۾ آهن ۽ جيڪي زمين ۾ آهن، مگر جنهن کي

(تنهن ڏينهن) جيڪي آسمانن ۾ آهن ۽ جيڪي زمين ۾ آهن، سي سڀئي گهٻرائيندا، پر جن لاءِ الله گهريو آهي،

شَآءَ اللّٰهُ ؕ وَ كُلٌّ اَتَوْهُ دٰخِرِیْنَ ﴿٨٧﴾ وَ تَرَى الْجِبَالَ تَحْسَبُهَا جَامِدَةً

گهري الله، ۽ سمورا ايندا ان وٽ عاجزي ڪندڙ ٿي. ۽ ڏسين ٿو جبلن کي تون ڀائين ٿو انهن کي جميل

(سي نه گهٻرائيندا) ۽ سڀڪو وٽس عجز انڪساريءَ سان ايندو. ۽ تون جبلن کي ڏسين ٿو، انهن کي (زمين ۾) جميل ڀانئين ٿو؟

وَّ هِیَ تَمُرُّ مَرَّ السَّحَابِ ؕ صُنْعَ اللّٰهِ الَّذِیْۤ اَتْقَنَ كُلَّ شَیْءٍ ؕ

۽ اهي هلندا جيئن ڪڪر هلن، جوڙ الله جي جنهن پڪو ڪيو هر شيءِ کي،

حالانڪ اهي ڪڪرن جي هلڻ وانگر هلندا. (اها انهيءَ) الله جي ڪاريگري آهي، جنهن سڀڪنهن شيءِ کي پڪو ڪري جوڙيو آهي،

اِنَّهٗ خَبِیْرٌۢ بِمَا تَفْعَلُوْنَ ﴿٨٨﴾ مَنْ جَآءَ بِالْحَسَنَةِ فَلَهٗ خَیْرٌ مِّنْهَا ۚ

بيشڪ ان کي خبر آهي جيڪي توهان ڪريو ٿا. جيڪو آڻيندو چڱائي پوءِ انهي لاءِ بهتر آهي ان کان،

بيشڪ جيڪي ڪندا آهيو، تنهن جي اهو خبر رکندڙ آهي. جيڪو نيڪي آڻيندو، تنهن لاءِ اُن کان ڀلو (بدلو) آهي

وَ هُمْ مِّنْ فَزَعٍ یَّوْمَىٕذٍ اٰمِنُوْنَ ﴿٨٩﴾ وَ مَنْ جَآءَ بِالسَّیِّئَةِ فَكُبَّتْ

۽ اهي گهٻراهٽ کان ان ڏينهن امن ۾ رهندا. ۽ جيڪو آڻيندو برائي پوءِ اهي وڌا ويندا

۽ اهي ان ڏينهن جي گهٻراهٽ کان امن وارا هوندا. ۽ جيڪي گناهه آڻيندا تن جا منهن باهه ۾ اونڌا

وُجُوْهُهُمْ فِی النَّارِ ؕ هَلْ تُجْزَوْنَ اِلَّا مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٩٠﴾

منهن ڀر باهه ۾، نه بدلو ملندو توهان کي مگر جيڪي توهان ڪندا هئا.

ڪري وجهبا (چيو ويندن) ته جيڪي ڪندا هيو، تنهن کان سواءِ ٻيو ڪو بدلو نه ٿو ڏجيو.

اِنَّمَاۤ اُمِرْتُ اَنْ اَعْبُدَ رَبَّ هٰذِهِ الْبَلْدَةِ الَّذِیْ حَرَّمَهَا وَ لَهٗ

رڳو حڪم ڏنو ويو اٿم ته بندگي ڪريان هن شهر جي رب جي جنهن عزت ڏني انکي ۽ انهي جي ئي آهي

(اي پيغمبر! چئو ته) مون کي ته (هيءُ) حڪم ڪيل آهي ته هن شهر (مڪي) جي مالڪ جي عبادت ڪريان، جنهن اُن کي تعظيم

كُلُّ شَیْءٍ ؗ وَّ اُمِرْتُ اَنْ اَكُوْنَ مِنَ الْمُسْلِمِیْنَ ﴿٩١﴾ لا وَ اَنْ اَتْلُوَا

هر شيءِ ۽ مونکي حڪم ڏنو آهي ته هجان فرمانبردارن مان ۽ پڙهي ٻڌايان

وارو ڪيو ۽ سڀڪا شيءِ سندس آهي ۽ مون کي حڪم ڪيل آهي ته مسلمانن مان هجان. ۽ (هيءُ) ته قرآن پڙهان،

الْقُرْاٰنَ ۚ فَمَنِ اهْتَدٰى فَاِنَّمَا يَهْتَدِيْ لِنَفْسِهٖ ۚ وَمَنْ ضَلَّ

قرآن. پوءِ جيڪو هدايت وارو ٿيو اهو هدايت وارو ٿيو پنهنجي لاءِ. ۽ جيڪو گمراهه ٿيو

پوءِ جيڪو هدايت وارو ٿيو سو رڳو پاڻ لاءِ هدايت وارو ٿئي ٿو ۽ جيڪو گمراهه ٿيو تہ چئو تہ.

فَقُلْ اِنَّمَآ اَنَا مِنَ الْمُنْذِرِيْنَ ﴿۹۲﴾ وَقُلِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ سَيُرِيْكُمْ اٰيٰتِهٖ

پوءِ چؤ تہ آءٌ رڳو ڊيڄاريندڙ آهيان. ۽ چؤ سڀ ساراهہ الله لاءِ آهي اجهو ڏيکاريندو توهان کي نشانيون پنهنجون

آءٌ رڳو ڊيڄاريندڙ آهيان. ۽ چئو تہ. سڀ ساراهہ الله کي جڳائي. (اهو) اوهان کي پنهنجيون نشانيون سگهو ڏيکاريندو

فَتَعْرِفُوْنَهَا ؕ وَمَا رَبُّكَ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿۹۳﴾

پوءِ توهان سڃاڻندو انهن کي، ۽ ناهي رب تنهنجو بي خبر ان کان جيڪي توهان ڪيو ٿا.

پوءِ جن کي (اوهين) سڃاڻيندؤ ۽ جيڪي ڪندا آهيو تنهن کان اوهان جو پالڻهار بي خبر نہ آهي.

سُوْرَةُ الْقَصَصِ مَكِّيَّةٌ ۔ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۔ اٰيَاتُهَا ۸۸ رُكُوْعَاتُهَا ۹

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

طٰسٓمّٓ ﴿۱﴾ تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ الْمُبِيْنِ ﴿۲﴾ نَتْلُوْا عَلَيْكَ مِنْ

طسم. هي آيتون آهن ڪتاب پڌري جون. اسان پڙهون ٿا توتي

طسم. هيءُ پڌري ڪتاب جون آيتون آهن. (اي پيغمبر!) موسيٰ ۽ فرعون جو ڪجهہ احوال

نَّبَاِ مُوْسٰى وَفِرْعَوْنَ بِالْحَقِّ لِقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿۳﴾ اِنَّ

خبر موسيٰ ۽ فرعون جي سچي انهن ماڻهن لاءِ جيڪي ايمان ٿا آڻين. بيشڪ

مومن ماڻهن (جي ڀلائي) لاءِ توکي سچيءَ طرح پڙهي ٻڌايون ٿا. بيشڪ فرعون ملڪ ۾

فِرْعَوْنَ عَلَا فِي الْاَرْضِ وَجَعَلَ اَهْلَهَا شِيَعًا يَّسْتَضْعِفُ

فرعون ڏاڍ ڪيو ملڪ ۾ ۽ ڪيائين اتان جي ماڻهن کي ٽولا. ڪمزور پيو ڪري

وڏائي ڪئي هئي ۽ ان جي رهڻ وارن کي ٽولين ٽولين ڪري ڇڏيو هيائين. منجهانئن هڪ ٽوليءَ کي هيٺو ڪيو هيائين.

طَآئِفَةً مِّنْهُمْ يُذَبِّحُ اَبْنَآءَهُمْ وَيَسْتَحْيٖ نِسَآءَهُمْ ؕ اِنَّهٗ

هڪ ٽولي کي انهن مان ڪهي پيو پٽ انهن جا ۽ جيئرو ڇڏي پيو انهن جي عورتن کي. بيشڪ

جو سندن پٽ ڪهندو هو ۽ سندين ڌيئرون جيئريون ڇڏيندو هو. بيشڪ اهو

كَانَ مِنَ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿۴﴾ وَنُرِيْدُ اَنْ نَّمُنَّ عَلَى الَّذِيْنَ اسْتُضْعِفُوْا

اهو هئو فسادين مان. ۽ اسان چاهيون پيا تہ انعام ڪريون انهن تي جيڪي ڪمزور ڪيا ويا

فسادين مان هو. ۽ گهريوسون تہ جن کي ملڪ ۾ هيٺو ڪيو ويو هو، تن تي احسان ڪريون

فِي الْأَرْضِ وَنَجْعَلَهُمْ أَئِمَّةً وَّنَجْعَلَهُمُ الْوَارِثِيْنَ ﴿٥﴾ وَ

ملڪ ۾ ۽ ڪريون انهن کي اڳواڻ ۽ ڪريون انهن کي جاءِ نشين. ۽

۽ تن کي اڳواڻ بڻايون ۽ کين وارث ڪريون. ۽ کين ملڪ ۾ دٻدٻو ڏيون

نُمَكِّنَ لَهُمْ فِي الْأَرْضِ وَنُرِيَ فِرْعَوْنَ وَهَامَانَ وَجُنُوْدَهُمَا

زوروٺايون انهن کي ملڪ ۾ ۽ ڏيکاريون فرعون ۽ هامان ۽ سندن لشڪرن کي،

۽ فرعون ۽ هامان ۽ سندن لشڪرن کي انهن (هيٺن) کان اها (ڳالهه) ڏيکاريون

مِنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَحْذَرُوْنَ ﴿٦﴾ وَأَوْحَيْنَآ إِلٰٓى أُمِّ مُوْسٰٓى أَنْ

انهن کان اهو جنهن کان ڊڄندا هئا. ۽ حڪم موڪليوسون موسيٰ جي ماءُ ڏانهن ته

جنهن کان ڊڄندا هئا. ۽ موسيٰ جي ماءُ ڏانهن الهام ڪيوسون ته

أَرْضِعِيْهِ ۚ فَإِذَا خِفْتِ عَلَيْهِ فَأَلْقِيْهِ فِي الْيَمِّ وَلَا تَخَافِيْ

ٿڃ ڏي انهي کي. پوءِ جڏهن خوف ڪرين ان تي پوءِ اڇلينس درياءَ ۾ ۽ نه ڊڄ

ان کي کير پيار! پوءِ جڏهن مٿس خطرو ڀانئين تڏهن کيس درياءَ ۾ اُڇلج ۽ نڪي ڊڄج

وَلَا تَحْزَنِيْ ۚ إِنَّا رَآدُّوْهُ إِلَيْكِ وَجَاعِلُوْهُ مِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿٧﴾

۽ نڪي ڏک ڪر. اسان موٽائيندا سون ان کي توڏانهن ۽ ڪنداسون ان کي رسولن مان.

۽ نڪي غمگين ٿج. ڇو ته اسين کيس تو ڏانهن ورائڻ وارا آهيون ۽ کيس پيغمبرن مان ڪرڻ وارا آهيون.

فَالْتَقَطَهٗٓ اٰلُ فِرْعَوْنَ لِيَكُوْنَ لَهُمْ عَدُوًّا وَّحَزَنًا ۗ إِنَّ

پوءِ لڌوان کي فرعون جي گهروارن جيئن ٿئي انهن جو دشمن ۽ ڏک جو ڪارڻ، بيشڪ

پوءِ فرعون جي گهراڻي وارن ان کي کڻي ورتو ته (نيٺ) انهن لاءِ ويري ۽ ڏک (جو سبب) ٿئي. يقينن

فِرْعَوْنَ وَهَامَانَ وَجُنُوْدَهُمَا كَانُوْا خٰطِئِيْنَ ﴿٨﴾ وَقَالَتِ امْرَأَتُ

فرعون ۽ هامان ۽ انهن جو لشڪر هئا خطا ڪار. ۽ چيو زال

فرعون ۽ هامان ۽ سندن لشڪر خطا ڪندڙ هئا. ۽ فرعون جي زال چيو ته.

فِرْعَوْنَ قُرَّتُ عَيْنٍ لِّيْ وَلَكَ ۗ لَا تَقْتُلُوْهُ ۖ عَسٰٓى أَنْ يَّنْفَعَنَآ

فرعون جي ٺار آهي اکين جو مون لاءِ ۽ تولاءِ، نه ماريو انهي کي، اميد ته نفعو ڏيندو اسان کي

هيءُ ڇوڪر منهنجي لاءِ ۽ تنهنجي لاءِ اکين جو ٺار آهي! ان کي نه ڪُهو! مَن اسان کي فائدو ڏئي

أَوْ نَتَّخِذَهٗ وَلَدًا وَّهُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿٩﴾ وَأَصْبَحَ فُؤَادُ

يا پاليونس پٽ ڪري ۽ اهي نه پيا سمجهن. ۽ صبح سان دل

يا کيس پٽ ڪريون ۽ اهي (ان حال جي حقيقت) نه ڄاڻندا هئا. ۽ موسيٰ جي ماءُ جي دل

اُمِّ مُوْسٰى فٰرِغًا ؕ اِنْ كَادَتْ لَتُبْدِيْ بِهٖ لَوْلَآ اَنْ رَّبَطْنَا

موسيٰ جي ماءُ جي | ٿي بي قرار، | اجهو | ڪري ها | پڌرو | ان کي | جيڪڏهن نہ | قابو ڪريون ها

بي قرار ٿي .اها ان راز کي ظاهر ڪرڻ تي هئي، جيڪڏهن سندس دل کي اسين مضبوط نہ ڪريون ها!

عَلٰى قَلْبِهَا لِتَكُوْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٠﴾ وَقَالَتْ لِاُخْتِهٖ قُصِّيْهِ ز

قلب ان جو | جيئن هجي | يقين ڪندڙن مان. | ۽ | چيائين | سندس ڀيڻ کي | پٺيان لڳينس.

(هن لاءِ) تہ يقين ڪندڙن مان ٿئي. ۽ موسيٰ جي ڀيڻ کي چيائين تہ، سندس پيرو ڪڍ.

فَبَصُرَتْ بِهٖ عَنْ جُنُبٍ وَّهُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿١١﴾ وَحَرَّمْنَا عَلَيْهِ

پوءِ ڏسي پئي | انکي | پري کان | ۽ | اهي | نہ پيا سمجهن. | ۽ بند ڪئي سون | ان تي

پوءِ (اها) ان کي پري کان ڏسندي رهي ۽ انهن نہ ٿي ڄاتو. ۽ (پيٽس جي پهچڻ کان) اڳ مٿس دائين جو کير

الْمَرَاضِعَ مِنْ قَبْلُ فَقَالَتْ هَلْ اَدُلُّكُمْ عَلٰٓى اَهْلِ بَيْتٍ

ٿڃ دائين جي | اڳ ۾ ئي | پوءِ هيءَ چوڻ لڳي | ڇا | ڏسيان توهان کي | اهڙو گهراڻو

حرام ڪيوسون، پوءِ ڀيڻس چيو تہ، (آءٌ) اوهان کي اهڙو گهراڻو ڏسيان جو (اهي) اوهان

يَّكْفُلُوْنَهٗ لَكُمْ وَهُمْ لَهٗ نٰصِحُوْنَ ﴿١٢﴾ فَرَدَدْنٰهُ اِلٰٓى اُمِّهٖ كَيْ

جي پالين ان کي | توهان لاءِ | ۽ | اهي | انهي جا | گهڻگهرا آهن. | پوءِ موٽايوسون ان کي | سندس ماءُ ڏانهن | جيئن

جي پاران ان جي سنڀال ڪن؟ ۽ اهي ان جا گهڻ گهرا هجن. پوءِ ڪيس سندس ماءُ ڏانهن وري پهچايوسون تہ

تَقَرَّ عَيْنُهَا وَلَا تَحْزَنَ وَلِتَعْلَمَ اَنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ وَّلٰكِنَّ

ٺري | نيڻ انجو | ۽ | نہ | ڏک ڪري | ۽ | سمجهي | تہ | وعدو | الله جو | حق آهي | پر

سندس اکيون ٺرن ۽ غمگين نہ ٿئي ۽ (هيءَ بہ) ڄاڻي تہ بيشڪ الله جو انجام سچو آهي. پر

اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿١٣﴾ ع وَلَمَّا بَلَغَ اَشُدَّهٗ وَاسْتَوٰٓى اٰتَيْنٰهُ

گهڻا ماڻهو | نہ | ٿا ڄاڻن. | ۽ جڏهن اهو پهتو | پنهنجي جواني کي | ۽ | پختو ٿيو | تہ ڏني سون ان کي

گهڻا ماڻهو نہ ڄاڻندا آهن. ۽ جنهن مهل پنهنجي جوانيءَ کي پهتو ۽ پختو ٿيو (تنهن مهل) کيس

حُكْمًا وَّعِلْمًا ؕ وَكَذٰلِكَ نَجْزِي الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١٤﴾ وَدَخَلَ

سمجهہ | ۽ | علم، | ۽ | اهڙي طرح | بدلو ڏيندا آهيون | چڱائي وارن کي. | ۽ | آيو

دانائي ۽ علم ڏنوسون، ۽ اهڙيءَ طرح ڀلارن کي (چڱو) بدلو ڏيندا آهيون. ۽ (موسيٰ) شهر ۾

الْمَدِيْنَةَ عَلٰى حِيْنِ غَفْلَةٍ مِّنْ اَهْلِهَا فَوَجَدَ فِيْهَا

شهر ۾ | جنهن وقت | غافل هئا | اتي جا ماڻهو | پوءِ ڏٺائين | ان ۾

اتي جي رهاڪن جي غفلت جي وقت ۾ گهڙيو، پوءِ اتي ٻہ مڙس پاڻ ۾

رَجُلَيْنِ يَقْتَتِلٰنِ ۗ هٰذَا مِنْ شِيْعَتِهٖ وَهٰذَا مِنْ عَدُوِّهٖ ۚ فَاسْتَغَاثَهُ

ٻه ماڻهو وڙهن پيا پاڻ ۾ هڪڙو سنڌس ٽولي جو ۽ ٻيو ان جي دشمن جو، پوءِ مدد گهري ڪانئس

وڙهندا ڏٺائين، هي (هڪڙو) سندس قوم مان هو ۽ هي (ٻيو) سندس ويريءَ (فرعون جي قوم) مان هو ۽ پوءِ

الَّذِيْ مِنْ شِيْعَتِهٖ عَلَى الَّذِيْ مِنْ عَدُوِّهٖ ۙ فَوَكَزَهٗ مُوْسٰى

انهيءَ جو سنڌس ٽولي مان هئو ان تي جو سنڌس دشمن ڪان هئو پوءِ مُڪ هنئي انکي موسيٰ

جيڪو سندس قوم مان هو، تنهن انهيءَ تي همراهي گهري جيڪو سندس ويريءَ (جي قوم) مان هو پوءِ موسيٰ ان کي مُڪ هنئي

فَقَضٰى عَلَيْهِ ۖ قَالَ هٰذَا مِنْ عَمَلِ الشَّيْطٰنِ ۭ اِنَّهٗ عَدُوٌّ مُّضِلٌّ

پوءِ پورو ڪيائين انکي، چيائين هي آهي شيطان جي ڪم ڪان، بيشڪ اهو دشمن گمراهه ڪندڙ

۽ ان کي پورو ڪيائين. چيائين ته، هيءُ شيطان جي ڪم مان آهي. بيشڪ اهو پڌرو گمراهه ڪندڙ ويري آهي.

مُّبِيْنٌ ⑮ قَالَ رَبِّ اِنِّيْ ظَلَمْتُ نَفْسِيْ فَاغْفِرْ لِيْ فَغَفَرَ لَهٗ ۭ

پڌرو آهي. چيائين اي منهنجا رب مون ظلم ڪيو پاڻ تي پوءِ معاف ڪر مونکي پوءِ معاف ڪيائين ان کي،

چيائين ته، اي منهنجا پالڻهار! بيشڪ مون پاڻ تي ظلم ڪيو، تنهن ڪري مون کي بخش! پوءِ کيس بخشيائين،

اِنَّهٗ هُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ⑯ قَالَ رَبِّ بِمَآ اَنْعَمْتَ عَلَيَّ فَلَنْ

بيشڪ اهو ئي بخشيندڙ مهربان آهي. چيائين اي منهنجا رب جيئن تو مهرباني ڪئي آهي مون تي پوءِ هرگز نه

بيشڪ اهو ئي بخشڻهار مهربان آهي. چيائين ته، اي منهنجا پالڻهار! جيڪو مون تي فضل ڪيو اٿيئي تنهن سببان

اَكُوْنَ ظَهِيْرًا لِّلْمُجْرِمِيْنَ ⑰ فَاَصْبَحَ فِي الْمَدِيْنَةِ خَآئِفًا

ٿيندس حمايتي ڏوهارين جو. پوءِ صبح ڪيائين ان شهر ۾ ڊڄندڙ ٿي

ڏوهارين جو مددگار ڪڏهن نه ٿيندس. پوءِ صبح ٿيندي شهر ۾ ڊڄندو خبرون

يَّتَرَقَّبُ فَاِذَا الَّذِي اسْتَنْصَرَهٗ بِالْاَمْسِ يَسْتَصْرِخُهٗ ۭ قَالَ

انتظار ڪندي ته اوچتو جنهن مدد گهري هئي ان ڪان ڪالهه مدد لاءِ پڪاري پيو ان کي چيو

جاچيندو رهيو ته اوچتو جنهن ڪالهه ڪانئس مدد گهري هئي، تنهن ڪانئس (وري) رڙ ڪري مدد گهري،

لَهٗ مُوْسٰٓى اِنَّكَ لَغَوِيٌّ مُّبِيْنٌ ⑱ فَلَمَّآ اَنْ اَرَادَ اَنْ يَّبْطِشَ

ان کي موسيٰ تون ته آهين ڀليل پڌرو. پوءِ جڏهن گهريائين پڪڙڻ

موسيٰ کيس چيو ته، بيشڪ تون صفا بي راهو آهين. پوءِ جيڪي ٻنهي جو ويري هو تنهن ڏانهن (موسيٰ) جنهن مهل هٿ

بِالَّذِيْ هُوَ عَدُوٌّ لَّهُمَا ۙ قَالَ يٰمُوْسٰٓى اَتُرِيْدُ اَنْ تَقْتُلَنِيْ

ان کي جو هئو دشمن ٻنهي جو، چيائين اي موسيٰ چا گهرين ٿو ته خون ڪرين مونکي

ڊگهيرڻ جو ارادو ڪيو (تنهن مهل) فرياد ڪندڙ موسيٰ کي پاڻ تي سنبريل سمجهي) چيو ته، اي موسيٰ! جيئن ڪالهه هڪڙي

كَمَا قَتَلْتَ نَفْسًا بِالْاَمْسِ ۖ اِنْ تُرِيْدُ اِلَّآ اَنْ تَكُوْنَ جَبَّارًا

جيئن خون ڪيو تو ماڻهو ڪالهه. نہ تُو چاهين تون مگر هي تہ هجين سرڪش

ماڻهوءَ کي مارڻ تيئن مون کي (بہ) مارڻ جو ارادو ڪرين ٿو ڇا؟ ملڪ ۾ جابر ٿيڻ کان سواءِ تنهنجو

فِى الْاَرْضِ وَمَا تُرِيْدُ اَنْ تَكُوْنَ مِنَ الْمُصْلِحِيْنَ ﴿١٩﴾ وَ

هن ملڪ ۾ ۽ نہ تُو گهرين تہ ٿئين تون صلح ڪرائيندڙن مان. ۽

ٻيو ڪو ارادو نہ آهي ۽ تون سڌاريندڙن مان پنهنجو هجڻ نہ ٿو گهرين. ۽

جَآءَ رَجُلٌ مِّنْ اَقْصَا الْمَدِيْنَةِ يَسْعٰى ۫ قَالَ يٰمُوْسٰٓى

آيو هڪ ماڻهو پاهران شهر ڪان ڊوڙندي چيائين اي موسيٰ

هڪ مڙس شهر جي پرين پاسي کان ڊوڙندو آيو ۽ چيائين تہ، اي موسيٰ! بيشڪ

اِنَّ الْمَلَاَ يَاْتَمِرُوْنَ بِكَ لِيَقْتُلُوْكَ فَاخْرُجْ اِنِّىْ لَكَ

يقينن سردار صلاح ٿا ڪن تولاءِ تہ قتل ڪن توکي پوءِ نڪري وڃ بيشڪ آءٌ تنهنجي

(هتان جا) سردار تو لاءِ رٿ ڪن ٿا، تہ توکي ڪُهن، تنهن ڪري تون نڪر! بيشڪ آءٌ تو لاءِ

مِنَ النّٰصِحِيْنَ ﴿٢٠﴾ فَخَرَجَ مِنْهَا خَآئِفًا يَّتَرَقَّبُ ۫ قَالَ رَبِّ نَجِّنِىْ

خيرخواهن مان آهيان. پوءِ نڪتو اتان ڊڄندي انتظار ڪيندي چيائين اي منهنجا رب بچاءِ مونکي

خير گهرندڙن مان آهيان. پوءِ (موسيٰ) ڊڄندو بچندو اُن (شهر) مان نڪتو. چيائين تہ، اي منهنجا پالڻهار!

مِنَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٢١﴾ وَلَمَّا تَوَجَّهَ تِلْقَآءَ مَدْيَنَ قَالَ عَسٰى

ظالمن جي قوم ڪان. ۽ جڏهن رخ ڪيائين طرف مدين جي چيائين اميد آهي تہ

ظالمن جي قوم کان مون کي بچاءِ. ۽ جنهن مهل مدين (شهر) جي طرف منهن ڪيائين (تنهن مهل) چيائين تہ، اميد اٿر

رَبِّىْٓ اَنْ يَّهْدِيَنِىْ سَوَآءَ السَّبِيْلِ ﴿٢٢﴾ وَلَمَّا وَرَدَ مَآءَ مَدْيَنَ

رب منهنجو ڏسيندو مونکي، سڌو رستو. ۽ جڏهن پهتو مدين جي پاڻيءَ تي

تہ منهنجو پالڻهار مون کي سڌي واٽ ڏيکاريندو. ۽ جنهن مهل مدين جي تڙ تي پهتو (تنهن مهل) اُن تي

وَجَدَ عَلَيْهِ اُمَّةً مِّنَ النَّاسِ يَسْقُوْنَ ۫ وَوَجَدَ مِنْ دُوْنِهِمُ

ڏٺائين ان تي گهڻا ماڻهو جو مال پيا پيارين، ۽ ڏٺائين انهن کان پرڀرو

ماڻهن جي هڪ ٽولي (جانورن کي) پاڻي پياريندي ڏٺائين ۽ انهن کان سواءِ ٻہ عورتون (ٻہ پنهنجو ڍڳ پاڻي

امْرَاَتَيْنِ تَذُوْدٰنِ ۚ قَالَ مَا خَطْبُكُمَا ۖ قَالَتَا لَا نَسْقِىْ حَتّٰى

ٻہ عورتن کي ريڍون روڪيندي، چيائين ڇا حال آهي توهان جو، ٻنهي چيو نہ ٿيون پياريون اسان جيستر

پيئڻ کان) جهليندين ڏٺائين، (موسيٰ) چيو تہ، اوهان جو ڇا معاملو آهي؟ چيائون تہ (اسين) ايسين (پنهنجي ڍڳ کي پاڻي) نہ پيارينديون سون. جيسين

يُصۡدِرَ الرِّعَآءُ ۖ وَاَبُوۡنَا شَيۡخٌ كَبِيۡرٌ ﴿٢٣﴾ فَسَقٰى لَهُمَا ثُمَّ تَوَلّٰٓى
پياري موٽن ڌنار ۽ پيءُ اسان جو پوڙهو وڏو آهي. پوءِ پياريائين مال ٻنهي جو پوءِ موٽي آيو
ڌنار (پنهنجا جانور پياري نه) موٽائين ۽ اسان جو پيءُ وڏو ٻڍڙو آهي، پوءِ انهن (جي ڌڻ) کي پاڻي پياريائين، وري (ويهڻ لاءِ) ڇانوَ ڏانهن ڦريو

اِلَى الظِّلِّ فَقَالَ رَبِّ اِنِّىۡ لِمَاۤ اَنۡزَلۡتَ اِلَىَّ مِنۡ خَيۡرٍ فَقِيۡرٌ ﴿٢٤﴾
ڇانوَ ڏانهن ۽ چيائين منهنجا رب بيشڪ آءٌ انهي لاءِ جو لاهين تون مون ڏانهن ڪا نعمت حاجتمند آهيان.
پوءِ چيائين ته، اي منهنجا پالڻهارا بيشڪ جيڪي مون ڏانهن ڇڱائيءَ مان موڪلين تنهن لاءِ آءٌ محتاج آهيان.

فَجَآءَتۡهُ اِحۡدٰٮهُمَا تَمۡشِىۡ عَلَى اسۡتِحۡيَآءٍ ۚ قَالَتۡ اِنَّ اَبِىۡ يَدۡعُوۡكَ
پوءِ آئي ان وٽ ٻنهي مان هڪڙي جو هلي پئي حياءُ سان چيائين بيشڪ پيءُ منهنجو سڏي ٿو توکي
پوءِ منجهانئن هڪڙي لڄ سان گهمندي وٽس آئي، چيائين ته منهنجو پيءُ توکي هن لاءِ سڏي ٿو ته

لِيَجۡزِيَكَ اَجۡرَ مَا سَقَيۡتَ لَنَا ؕ فَلَمَّا جَآءَهٗ وَقَصَّ عَلَيۡهِ
جيئن ڏئي توکي بدلو ان جو جو پاڻي پياريو تو اسان لاءِ، پوءِ جڏهن آيو ان وٽ ۽ ٻڌايائين انکي
جيڪو اسان (جي ڌڻ) کي پاڻي پياريئي تنهن جي مزوري توکي ڏئي، پوءِ جنهن مهل وٽس آيو ۽ سجو قصو

الۡقَصَصَ ۙ قَالَ لَا تَخَفۡ ۖ نَجَوۡتَ مِنَ الۡقَوۡمِ الظّٰلِمِيۡنَ ﴿٢٥﴾
ڳالهه چيائين نه ڊڄ، بچيو آهين ظالمن جي قوم کان.
وٽس بيان ڪيائين (تنهن مهل شعيب) چيو ته، ڊڄ نه (هاڻي) ظالم قوم کان بچي نڪتين.

قَالَتۡ اِحۡدٰٮهُمَا يٰۤاَبَتِ اسۡتَاۡجِرۡهُ ۖ اِنَّ خَيۡرَ مَنِ اسۡتَاۡجَرۡتَ الۡقَوِىُّ
چوڻ لڳي ٻنهي مان هڪڙي اي ابا مزدور ڪر انهيءَ کي بيشڪ ڀلو آهي جيڪو مزور بيهارين سگهارو
منجهانئن هڪ چيو ته، ابا، هن کي مزور ڪري رک، چو ته ڀلو (نوڪر) جنهن کي مزور رکين اهو آهي جو سگهارو

الۡاَمِيۡنُ ﴿٢٦﴾ قَالَ اِنِّىۡۤ اُرِيۡدُ اَنۡ اُنۡكِحَكَ اِحۡدَى ابۡنَتَىَّ هٰتَيۡنِ
امانت وارو هجي. چيائين آءٌ گهران ٿو ته پرڻايان توکي هڪڙيءَ سان ٻن ڌيئرن پنهنجين هنن مان
اعتبار جوڳو هجي. (شعيب) چيو ته، منهنجو ارادو آهي ته هنن پنهنجن ٻن ڌيئرن مان هڪڙي هن شرط تي توکي پرڻايان ته

عَلٰٓى اَنۡ تَاۡجُرَنِىۡ ثَمٰنِىَ حِجَجٍ ۚ فَاِنۡ اَتۡمَمۡتَ عَشۡرًا فَمِنۡ عِنۡدِكَ ۚ
هن شرط تي جو ڪم ڪرين مون وٽ اٺ سال، پوءِ جيڪڏهن پورا ڪياتو ڏهه سال ته مهرباني تنهنجي.
اٺ سال منهنجي مزوري ڪرين، ۽ جيڪڏهن تون ڏهه (ورهيه) پورا ڪندين ته اهو تنهنجي طرفان (احسان) آهي

وَمَاۤ اُرِيۡدُ اَنۡ اَشُقَّ عَلَيۡكَ ؕ سَتَجِدُنِىۡۤ اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ
۽ نه ٿو گهران ته ڪا سختي ڪريان توتي، اجهو لهندين مون کي انشاءالله
۽ آءٌ توتي (ڪا) سختي ڪرڻ نه ٿو گهران، جيڪڏهن الله گهريو ته مون کي خير خواهن مان ڏسندين.

مِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿٢٧﴾ قَالَ ذٰلِكَ بَيْنِيْ وَبَيْنَكَ ط اَيَّمَا الْاَجَلَيْنِ قَضَيْتُ

پلن ماڻهن مان. چيائين اهو ٺيو منهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾. جهڙي ۾ ٻنهي مدتن مان پوري ڪيان

(موسيٰ) چيو ته، منهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾ اهو (انجام) آهي. انهن ٻنهي مدتن مان جيڪا ۾ پوري ڪريان

فَلَا عُدْوَانَ عَلَيَّ ط وَاللّٰهُ عَلٰى مَا نَقُوْلُ وَكِيْلٌ ﴿٢٨﴾ ع فَلَمَّا قَضٰى مُوْسَى

پوءِ نه ٿئي ڪا زيادتي مون تي. ۽ الله ان تي جيڪي چئون ٿا شاهد آهي. ۽ جڏهن پورو ڪيو موسيٰ

ته مون تي ڪو زور بار نه هوندو، ۽ جيڪي چئون ٿا، تنهن تي الله شاهد (ڪافي) آهي. پوءِ جنهن مهل موسيٰ (اها) مدت

الْاَجَلَ وَسَارَ بِاَهْلِهٖٓ اٰنَسَ مِنْ جَانِبِ الطُّوْرِ نَارًا ج قَالَ

وقت ۽ وٺي هليو پنهنجي گهروارن کي ته ڏٺائين طور جي پاسي کان باهه، چيائين.

پوري ڪئي ۽ پنهنجي گهروارن کي وٺي هليو، (تنهن مهل وچ رستي ۾ ڪوه) طور جي پاسي ڏانهن باهه ڏٺائين،

لِاَهْلِهِ امْكُثُوْٓا اِنِّيْٓ اٰنَسْتُ نَارًا لَّعَلِّيْٓ اٰتِيْكُمْ مِّنْهَا بِخَبَرٍ اَوْ

پنهنجي گهروارن کي ترسو مون ڏٺي آهي باهه شايد آڻيان توهان وٽ اتان ڪا خبر يا

پنهنجي گهروارن کي چيائين ته، ترسو بيشڪ مون باهه ڏٺي آهي، اميد اٿم اتان ڪا خبر يا

جَذْوَةٍ مِّنَ النَّارِ لَعَلَّكُمْ تَصْطَلُوْنَ ﴿٢٩﴾ فَلَمَّآ اَتٰىهَا نُوْدِيَ مِنْ

ٽانڊو باهه جو جيئن توهان پاڻ سيڪيو. پوءِ جڏهن آيو ان وٽ ته سڏ ٿيو

ڪو باهه جو ٽانڊو اوهان وٽ آڻيندس ته مَن اوهين پاڻ سيڪيو. پوءِ جڏهن اُنهيءَ (باهه)

شَاطِئِ الْوَادِ الْاَيْمَنِ فِي الْبُقْعَةِ الْمُبٰرَكَةِ مِنَ الشَّجَرَةِ اَنْ

ميدان جي ساڄي طرف کان برڪت واري علائقي ۾ وڻ منجهان ته

وٽ آيو (تڏهن) ميدان جي سڄيءَ پر کان مبارڪ جاءِ ۾ وڻ مان سڏيو ويو ته.

يّٰمُوْسٰٓى اِنِّيْٓ اَنَا اللّٰهُ رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٣٠﴾ لا وَاَنْ اَلْقِ عَصَاكَ ط فَلَمَّا

اي موسيٰ آءٌ آهيان الله رب العالمين. ۽ تون اڇل لٺ پنهنجي، پوءِ جڏهن

اي موسيٰ! بيشڪ آءٌ جهانن جو پالڻهار الله آهيان. ۽ تون پنهنجي لٺ اڇل، پوءِ جنهن مهل ان کي چُرندو

رَاٰهَا تَهْتَزُّ كَاَنَّهَا جَآنٌّ وَّلّٰى مُدْبِرًا وَّلَمْ يُعَقِّبْ ط يّٰمُوْسٰٓى اَقْبِلْ

ڏٺائين انکي ته چري پئي جهڙو نانگ ڦريو پٺي ڏيئي ۽ نه ڏٺائين پوئتي، اي موسيٰ اڳي اچ

ڏٺائين ته ڄڻڪ اها نانگ آهي، (تنهن مهل) پٺيرو ٿي ڦريو ۽ پوئتي نه موٽيو، (چيوسون ته) اي موسيٰ! اوري اچ

وَلَا تَخَفْ قف اِنَّكَ مِنَ الْاٰمِنِيْنَ ﴿٣١﴾ اُسْلُكْ يَدَكَ فِيْ جَيْبِكَ

۽ نه ڊڄ، بيشڪ تون بي خطر آهين. وجهه هٿ پنهنجو گريبان پنهنجي ۾

۽ نه ڊڄ، جو بيشڪ تون امن وارن مان آهين. پنهنجو هٿ گريبان ۾ وجهه

تَخْرُجْ بَيْضَآءَ مِنْ غَيْرِ سُوْٓءٍ ز وَّاضْمُمْ اِلَيْكَ جَنَاحَكَ

ته نڪري چمڪندڙ ٿي بنا عيب جي، ۽ ملاءِ پاڻ ڏي هٿ پنهنجو

ته بي عيب چمڪندڙ ٿي نڪري ۽ خوف کان (تسلي ٿيڻ لاءِ) پنهنجون ٻانهون پاڻ ڏانهن ملاءِ.

مِنَ الرَّهْبِ فَذٰنِكَ بُرْهَانٰنِ مِنْ رَّبِّكَ اِلٰى فِرْعَوْنَ وَمَلَا۟ئِهٖ ط

خوف کان پوءِ اهي ٻئي دليل آهن تنهنجي رب جي طرفان فرعون ۽ سندس سردارن ڏانهن،

پوءِ اهي ٻئي حجتون فرعون ۽ سندس لشڪر ڏانهن تنهنجي پالڻهار (جي طرف) کان آهن.

اِنَّهُمْ كَانُوْا قَوْمًا فٰسِقِيْنَ ﴿٣٢﴾ قَالَ رَبِّ اِنِّيْ قَتَلْتُ مِنْهُمْ نَفْسًا

اهي آهن ماڻهو بي فرمان. چيائين اي رب! مون ماريو هئو انهن جو هڪ ماڻهو

بيشڪ اهي بدڪار ماڻهو هئا. چيائين ته، اي منهنجا پالڻهار! بيشڪ منجهائنس هڪ شخص کي مون ماريو آهي،

فَاَخَافُ اَنْ يَّقْتُلُوْنِ ﴿٣٣﴾ وَاَخِيْ هٰرُوْنُ هُوَ اَفْصَحُ مِنِّيْ لِسَانًا

پوءِ ڊڄان ٿو ته ماريندا مونکي، ۽ ڀاءُ منهنجو هارون اهو چٽو آهي مونکان ڳالهائڻ ۾

تنهن ڪري آءٌ پنهنجي مارجڻ کان ڊڄان ٿو. ۽ منهنجو ڀاءُ هارون مون کان (زبان جي ڪري) وڌيڪ چٽو ڳالهائيندڙ آهي،

فَاَرْسِلْهُ مَعِيَ رِدْاً يُّصَدِّقُنِيْٓ ز اِنِّيْٓ اَخَافُ اَنْ يُّكَذِّبُوْنِ ﴿٣٤﴾

پوءِ رسول ڪر انکي مون سان گڏ مدد لاءِ ته تصديق ڪري منهنجي آءٌ ڊڄان ٿو ته ڪوڙو ڪندا مونکي.

تنهن ڪري ان کي مون سان مدد ڏيندڙ ڪري موڪل ته منهنجي تصديق ڪري، ڇو ته آءٌ پنهنجي ڪوڙي ٿيڻ کان ڊڄان ٿو.

قَالَ سَنَشُدُّ عَضُدَكَ بِاَخِيْكَ وَنَجْعَلُ لَكُمَا سُلْطٰنًا فَلَا

فرمايائين سگهو ڏاڍو ڪنداسون ڏورو تنهنجو ڀاءُ تنهنجي سان ۽ ڪنداسون توهان جو غلبو پوءِ نه

(الله) چيو ته، سگهو تنهنجا ٻازو تنهنجي ڀاءُ سان مضبوط ڪنداسون ۽ اوهان کي غلبو ڏينداسون، پوءِ (اهي)

معانقة ١١ عند المتاخرين ١٢

يَصِلُوْنَ اِلَيْكُمَا ج بِاٰيٰتِنَآ ج اَنْتُمَا وَمَنِ اتَّبَعَكُمَا الْغٰلِبُوْنَ ﴿٣٥﴾

پهچندا توهان تائين اسان جي نشانين سبب، توهان ۽ جيڪو به توهان جو تابع ٿيندو سوڀارا هوندؤ.

اوهان ڏانهن (ايذاءُ لاءِ) پهچي نه سگهندا، اسان جي معجزن سببان، اوهين ٻئي ۽ جيڪي اوهان جي پٺيان لڳا، سي غالب رهندا.

فَلَمَّا جَآءَهُمْ مُّوْسٰى بِاٰيٰتِنَا بَيِّنٰتٍ قَالُوْا مَا هٰذَآ اِلَّا سِحْرٌ

پوءِ جڏهن آنديون انهن وٽ موسيٰ نشانيون اسان جون پڌريون چيائون ناهي اهو مگر جادو

پوءِ جنهن مهل موسيٰ اسان جي پڌرن معجزن سان وٽن آيو، (تنهن مهل) چيائون ته هي رڳو ٺهرادو

مُّفْتَرًى وَّمَا سَمِعْنَا بِهٰذَا فِيْٓ اٰبَآئِنَا الْاَوَّلِيْنَ ﴿٣٦﴾ وَقَالَ

ٺئون ٺاهيل ۽ ڪونه ٻڌوسون اهڙو ابن ڏاڏن پنهنجن اڳين ۾. ۽ چيو

جادو آهي ۽ اها ڳالهه پنهنجن پهرين پيءُ ڏاڏن ۾ نه ٻڌي سون. ۽ موسيٰ چيو ته،

مُوْسٰى رَبِّىْٓ اَعْلَمُ بِمَنْ جَآءَ بِالْهُدٰى مِنْ عِنْدِهٖ وَمَنْ
موسيٰ رب منهنجو وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي ان کي جو آئي هدايت کي انهيءَ وٽان ۽ ان کي
منهنجو پالڻهار انهيءَ کي وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي، جنهن وٽانئس هدايت آندي آهي ۽ جنهن لاءِ

تَكُوْنُ لَهٗ عَاقِبَةُ الدَّارِ ۭ اِنَّهٗ لَا يُفْلِحُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿٣٧﴾ وَقَالَ
جو ٿئي جنهن لاءِ آخرت جو گهر، يقينن نه ڪامياب ٿيندا ظالم. ۽ چيو
(آخرت ۾ موچاري) عاقبت جو گهر آهي، بيشڪ ظالم نه ڇٽندا. ۽ فرعون چيو ته.

فِرْعَوْنُ يٰٓاَيُّهَا الْمَلَاُ مَا عَلِمْتُ لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرِيْ ۚ فَاَوْقِدْ لِيْ
فرعون اي ڪچهري وارو آءٌ نه ٿو ڄاڻان اوهان جو ڪو ٻيو خدا پاڻ کان سواءِ. پوءِ ٻاهه ٻار مون لاءِ
اي (منهنجا) سردارو! مون اوهان لاءِ پاڻ کان سواءِ ڪو ٻيو معبود نه ڄاتو آهي. پوءِ اي هامان! مون لاءِ

يٰهَامٰنُ عَلَى الطِّيْنِ فَاجْعَلْ لِّيْ صَرْحًا لَّعَلِّيْٓ اَطَّلِعُ اِلٰٓى
اي هامان مٽي تي پوءِ ٺاهه منهنجي لاءِ محلات ته جيئن آءٌ ليئو پايان طرف
سرن جو (ڪورو) ٻار، پوءِ مون لاءِ هڪ ماڙي بڻاءِ ته مَن موسيٰ جي معبود ڏانهن نهاريان

اِلٰهِ مُوْسٰى ۙ وَاِنِّىْ لَاَظُنُّهٗ مِنَ الْكٰذِبِيْنَ ﴿٣٨﴾ وَاسْتَكْبَرَ هُوَ
خدا موسيٰ جي ۽ مون ڀانيان ٿو انکي ڪوڙن مان. ۽ وڏائي ڪئي انهيءَ
۽ آءٌ بيشڪ کيس ڪوڙن مان ڀانيان ٿو. ۽ اُن (فرعون) ۽ سندس لشڪرن

وَجُنُوْدُهٗ فِي الْاَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ وَظَنُّوْٓا اَنَّهُمْ اِلَيْنَا
۽ سندس لشڪرن ملڪ ۾ نا حق ۽ ڀانيائون ته اهي اسان ڏانهن
ناحق ملڪ ۾ وڏائي ڪئي ۽ ڀانيائون ته، اهي اسان ڏانهن نه موٽائبا.

لَا يُرْجَعُوْنَ ﴿٣٩﴾ فَاَخَذْنٰهُ وَجُنُوْدَهٗ فَنَبَذْنٰهُمْ فِي الْيَمِّ ۚ فَانْظُرْ
ڪين موٽندا. پوءِ پڪڙيوسون ان کي ۽ سندس لشڪرن کي پوءِ اڇليوسون انهن کي درياءَ ۾ پوءِ ڏس
پوءِ کيس ۽ سندس لشڪرن کي پڪڙيوسون، پوءِ کين سمنڊ ۾ اڇليوسون. پوءِ ڏس

كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٤٠﴾ وَجَعَلْنٰهُمْ اَىِٕمَّةً يَّدْعُوْنَ
ته ڪيئن ٿيو انجام ظالمن جو. ۽ ڪيوسون انهن کي اڳواڻ جو سڏين ٿا
ته ظالمن جي پڇاڙي ڪهڙيءَ طرح ٿي. ۽ اسان اهي (دوزخين جا اڳواڻ) بڻايا جو (ماڻهن کي) باهه

اِلَى النَّارِ ۚ وَيَوْمَ الْقِيٰمَةِ لَا يُنْصَرُوْنَ ﴿٤١﴾ وَاَتْبَعْنٰهُمْ فِيْ هٰذِهِ
باهه ڏانهن. ۽ قيامت ڏينهن نه مدد ڏنا ويندا. ۽ ڪيڙ لڳائي سون انهن کي هن
ڏانهن سڏيندا هئا ۽ قيامت جي ڏينهن مدد نه ڏبن. ۽ هن دنيا ۾ لعنت

الدُّنْيَا لَعْنَةً ۚ وَيَوْمَ الْقِيٰمَةِ هُمْ مِّنَ الْمَقْبُوْحِيْنَ ﴿٤٢﴾ ع
دنيا ۾ لعنت، ۽ ڏينهن قيامت اهي بڇڙا ڪيل هوندا.
سندن پوئتان لاتي سون ۽ قيامت جي ڏينهن اهي بڇڙن مان هوندا.

وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ مِنْۢ بَعْدِ مَآ اَهْلَكْنَا الْقُرُوْنَ
۽ اسان ڏنو موسيٰ کي ڪتاب ان کان پوءِ جو هلاڪ ڪيون سون قومون
۽ بيشڪ موسيٰ کي ڪتاب ڏنوسون، ان کان پوءِ جو پهرين جُڳن کي هلاڪ ڪيوسون

الْاُوْلٰى بَصَآئِرَ لِلنَّاسِ وَهُدًى وَّرَحْمَةً لَّعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ ﴿٤٣﴾
اڳيون سمجهائڻ لاءِ ماڻهن کي ۽ هدايت ۽ رحمت تہ جيئن ياد ڪن.
جو (اهو) ماڻهن لاءِ چٽو دليل ۽ هدايت ڪندڙ ۽ ٻاجهہ هو تہ مَن اهي نصيحت وٺن.

وَمَا كُنْتَ بِجَانِبِ الْغَرْبِيِّ اِذْ قَضَيْنَآ اِلٰى مُوْسَى الْاَمْرَ
۽ نہ هئين تون الهندي طرف جڏهن اسان موڪليو موسيٰ ڏانهن حڪم
۽ (اي پيغمبر! تون تڏهن) الهندي پاسي کان نہ هئين، جڏهن موسيٰ ڏانهن وحي موڪليوسون

وَمَا كُنْتَ مِنَ الشّٰهِدِيْنَ ﴿٤٤﴾ لا وَلٰكِنَّآ اَنْشَاْنَا قُرُوْنًا فَتَطَاوَلَ
۽ نڪي تون هئين حاضرن مان. پر اسان پيدا ڪيون ڪيئي جماعتون پوءِ ڊگهي ٿي
۽ نڪي (تون اتي) حاضرين مان هئين. پر ڪيترائي جُڳ (موسيٰ کان پوءِ) پيدا ڪياسون، پوءِ مٿن مدت

عَلَيْهِمُ الْعُمُرُ ۚ وَمَا كُنْتَ ثَاوِيًا فِيْٓ اَهْلِ مَدْيَنَ تَتْلُوْا
انهن جي جمار ۽ نہ هئين تون رهندڙ مدين وارن ۾ جو پڙهي ٻڌائين
ڊگهي گذري، ۽ نڪي (تون) مدين وارن ۾ رهندڙ هئين جو اسان جون آيتون کين پڙهي ٻڌائيندي ٿي

عَلَيْهِمْ اٰيٰتِنَا ۙ وَلٰكِنَّا كُنَّا مُرْسِلِيْنَ ﴿٤٥﴾ وَمَا كُنْتَ بِجَانِبِ الطُّوْرِ
انهن کي اسان جون آيتون پر اسان ئي آهيون موڪليندڙ. ۽ نہ هئين طور جي پاسي
پر اسين (پيغمبرن کي) موڪليندا رهياسون. ۽ نڪي (تون ڪوه) طور جي پاسي هئين

اِذْ نَادَيْنَا وَلٰكِنْ رَّحْمَةً مِّنْ رَّبِّكَ لِتُنْذِرَ قَوْمًا مَّآ
جڏهن سڏيو اسان پر رحمت آهي تنهنجي رب جي جيئن ڊيڄارين ان قوم کي جو
جڏهن (موسيٰ) کي سڏيوسون، پر تنهنجي پالڻهار جي ٻاجهہ توتي (هن لاءِ ٿي) آهي تہ تون انهيءَ قوم کي ڊيڄارين،

اَتٰىهُمْ مِّنْ نَّذِيْرٍ مِّنْ قَبْلِكَ لَعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ ﴿٤٦﴾
نہ آيو انهن ڏانهن ڪو ڊيڄاريندڙ توکان اڳ ۾ جيئن اهي نصيحت وٺن.
جن وٽ توکان اڳ ڪو ڊيڄاريندڙ نہ آيو تہ مَن اهي نصيحت وٺن.

وَلَوْلَآ اَنْ تُصِيْبَهُمْ مُّصِيْبَةٌۢ بِمَا قَدَّمَتْ اَيْدِيْهِمْ فَيَقُوْلُوْا

جيڪڏهن ائين نه هجي ها جو پهچي انهن کي عذاب انهي سبب جو پيش ڪيو سندن هٿن ته چون ها

۽ جيڪڏهن ائين نه هجي ها ته سندن هٿن جيڪي اڳي موڪليو آهي، تنهن جي سبب انهن تي جڏهن مصيبت پهچي، تڏهن (متان)

رَبَّنَا لَوْلَآ اَرْسَلْتَ اِلَيْنَا رَسُوْلًا فَنَتَّبِعَ اٰيٰتِكَ وَنَكُوْنَ

اي رب اسان جا ڇو نه موڪليو تو اسان ڏانهن رسول پوءِ هلون ها تنهنجي حڪمن تي ۽ ٿيون ها

چون ته اي اسان جا پالڻهار! اسان ڏانهن ڪو پيغمبر ڇو نه موڪليئي ته تنهنجي آيتن جا تابعدار ٿجون ها ۽ مومنن مان هجون ها (ته

مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٤٧﴾ فَلَمَّا جَآءَهُمُ الْحَقُّ مِنْ عِنْدِنَا قَالُوْا لَوْلَآ

ايمان وارن مان. پوءِ جڏهن آيو انهن وٽ حق اسان جي طرفان چوڻ لڳا ڇو نه

توکي نه موڪليون ها). پوءِ جنهن مهل اسان وٽان انهن وٽ سچو (وحي) آيو، (تنهن مهل) چوڻ لڳا ته.

اُوْتِيَ مِثْلَ مَآ اُوْتِيَ مُوْسٰى ؕ اَوَلَمْ يَكْفُرُوْا بِمَآ اُوْتِيَ مُوْسٰى

ڏنو ويو اسان کي جهڙو ڏنو ويو موسيٰ کي، ڇا نه ڪفر ڪيائون ان جو جيڪي ڏنو ويو موسيٰ کي

جهڙو (معجزو) موسيٰ کي ڏنو ويو تهڙو هن پيغمبر کي ڇو نه ڏنو ويو آهي. جيڪي اڳي موسيٰ کي ڏنو ويو تنهن جو انڪار نه ڪيو

مِنْ قَبْلُ ۚ قَالُوْا سِحْرٰنِ تَظٰهَرَا ۫ وَقَالُوْٓا اِنَّا بِكُلٍّ

هن کان اڳ، چيائون اهي ٻه جادو آهن پاڻ ۾ موافق، ۽ چيائون اسان سڀني جا

اٿن ڇا؟ (هاڻي) چون ٿا ته (توريت ۽ قرآن) ٻئي هڪ جهڙا جادو آهن ۽ چون ٿا ته، اسين هر هڪ جا

كٰفِرُوْنَ ﴿٤٨﴾ قُلْ فَاْتُوْا بِكِتٰبٍ مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ هُوَ اَهْدٰى مِنْهُمَآ

منڪر آهيون. تون چؤ آڻيو ڪو ڪتاب الله وٽان جو اهو زياده هدايت ڪندڙ هجي ٻنهي کان

منڪر آهيون. (کين) چئو ته جيڪڏهن سچا آهيو ته الله وٽان ڪو ڪتاب آڻيو جو اهو انهن ٻنهي کان

اَتَّبِعْهُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٤٩﴾ فَاِنْ لَّمْ يَسْتَجِيْبُوْا لَكَ فَاعْلَمْ

ته هلان ان تي جيڪڏهن توهان سچا آهيو. پوءِ جيڪڏهن نه وراڻن توکي پوءِ ڄاڻ

وڌيڪ سڌو رستو ڏيکاريندڙ هجي ته ان جي تابعداري ڪريان. پوءِ جيڪڏهن تنهنجي ڳالهه قبول نه ڪن ته ڄاڻ ته

اَنَّمَا يَتَّبِعُوْنَ اَهْوَآءَهُمْ ؕ وَمَنْ اَضَلُّ مِمَّنِ اتَّبَعَ هَوٰىهُ بِغَيْرِ

ته رڳو اهي هلن ٿا پنهنجي خواهشن تي، ۽ ڪير آهي وڌيڪ گمراهه انهي کان جو هليو پنهنجي خواهش تي بنا

اهي رڳو پنهنجن سڌن تي هلندا آهن. ۽ جيڪو الله جي رستي ڏيکارڻ کان سواءِ پنهنجيءَ سڌ تي هلي،

هُدًى مِّنَ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِى الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٥٠﴾ ع وَلَقَدْ

هدايت الله جي، بيشڪ الله نه ٿو هدايت ڪري ظالمن جي قوم کي. ۽ البت

تنهن کان وڌيڪ گمراهه ڪير آهي؟ بيشڪ الله ظالمن جي قوم کي سڌو رستو نه ڏيکاريندو آهي. ۽ بيشڪ

وَصَّلْنَا لَهُمُ الْقَوْلَ لَعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ ﴿٥١﴾ اَلَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ
لڳولڳ پهچايوسون انهن لاءِ قرآن کي ترجيئن اهي نصيحت وٺن. جن کي ڏنوسون
هن قرآن کي انهن لاءِ لڳولڳ موڪليوسون ته مَنَ اهي نصيحت وٺن. جن کي هن (قرآن) کان اڳ

الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِهٖ هُمْ بِهٖ يُؤْمِنُوْنَ ﴿٥٢﴾ وَاِذَا يُتْلٰى عَلَيْهِمْ قَالُوْٓا
ڪتاب انهي کان اڳ ۾ اهي انهي تي يقين رکن ٿا. ۽ جڏهن پڙهجي ٿو انهن تي چون ٿا
ڪتاب ڏنو اٿئون سي ان (قرآن) کي مڃيندا آهن. ۽ جڏهن کين (هيءُ قرآن) پڙهي ٻڌائبو آهي، (تڏهن) چوندا آهن

اٰمَنَّا بِهٖٓ اِنَّهُ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّنَآ اِنَّا كُنَّا مِنْ قَبْلِهٖ مُسْلِمِيْنَ ﴿٥٣﴾
مڃيوسون ان کي اهو حق آهي اسان جي رب کان اسان هئاسون ان کان اڳيئي مڃيندڙ.
ته ان تي ايمان آندو سون. بيشڪ اهو اسان جي پالڻهار وٽان سچو آهي. بيشڪ اسين اُن (جي نازل ٿيڻ) کان اڳي ئي مسلمان هئاسون.

اُولٰٓئِكَ يُؤْتَوْنَ اَجْرَهُمْ مَّرَّتَيْنِ بِمَا صَبَرُوْا وَيَدْرَءُوْنَ بِالْحَسَنَةِ
انهن کي ڏنو ويندو سندن اجر ٻه ڀيرا ، هن لاءِ جو ثابت رهيا ۽ اهي ٽاريندا هئا چڱائي سان
اهي آهن جن کي سندن اجر ٻه ڀيرا ڏبو، انهيءَ ڪري جو صبر ڪيائون ۽ مدائيءَ کي چڱائيءَ سان ٽاريندا آهن

السَّيِّئَةَ وَمِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ﴿٥٤﴾ وَاِذَا سَمِعُوا اللَّغْوَ اَعْرَضُوْا
برائي کي ۽ اسان جي ڏني مان خرچ ڪندا هئا. ۽ جڏهن ٻڌندا هئا اجائي ڳالهه ته منهن موڙيندا هئا
۽ جيڪا کين روزي ڏني اٿئون، تنهن مان خرچيندا آهن. ۽ جڏهن ڪا بيهودي ڳالهه ٻڌندا آهن (تڏهن) اُن کان

عَنْهُ وَقَالُوْا لَنَآ اَعْمَالُنَا وَلَكُمْ اَعْمَالُكُمْ ز سَلٰمٌ عَلَيْكُمْ ز
ان کان ۽ چوندا هئا اسان جا عمل اسان سان ۽ توهان جا عمل توهان سان، سلام هجي توهان تي
منهن موڙيندا آهن ۽ چوندا آهن ته اسان جا عمل اسان لاءِ آهن، اوهان تي سلام هجي،

لَا نَبْتَغِي الْجٰهِلِيْنَ ﴿٥٥﴾ اِنَّكَ لَا تَهْدِيْ مَنْ اَحْبَبْتَ وَلٰكِنَّ
نه تا چاهيون جاهلن کي. بيشڪ تون نه تو آڻين راهه تي جن کي چاهين تون پر
(اسين) جاهلن (جي سنگت) کي نه ٿا گهرون. (اي پيغمبر!) بيشڪ تون جنهن کي گهرين تنهن کي هدايت ڪري نه ٿو سگهين، پر

اللّٰهَ يَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ ج وَهُوَ اَعْلَمُ بِالْمُهْتَدِيْنَ ﴿٥٦﴾ وَقَالُوْٓا
الله راهه تي آڻي جنهن کي گهري، ۽ اهو ئي وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي هدايت وارن کي. ۽ چيائون
الله جنهن کي گهرندو آهي تنهن کي هدايت ڪندو آهي ۽ اهو هدايت وارن کي چڱيءَ طرح ڄاڻندو آهي. ۽ (ڪي) چوندا آهن

اِنْ نَّتَّبِعِ الْهُدٰى مَعَكَ نُتَخَطَّفْ مِنْ اَرْضِنَا ط اَوَلَمْ نُمَكِّنْ
جيڪڏهن هلون هدايت تي توسان گڏ ته اغوا ٿينداسون پنهنجي ملڪ مان، ڇا نه ٽڪايو آهي اسان
ته جيڪڏهن تو ساڻ هدايت جي تابعداري ڪنداسون ته پنهنجي ملڪ مان ڌڪجي وينداسون. ڪين حرم ۾

لَهُمْ حَرَمًا اٰمِنًا يُّجْبٰٓى اِلَيْهِ ثَمَرٰتُ كُلِّ شَيْءٍ رِّزْقًا مِّنْ لَّدُنَّا

انهن کي حرم امن واري ۾ جو ڇڪجي اچن ٿا ان ڏانهن ڦل هر جنس جا روزي اسان جي طرفان

امن سان نہ ٽڪايوسون ڇا؟ جو ان ڏانهن سڀڪنهن جنس جو ميوو پاڻ وٽان روزيءَ طرح پهچائبو آهي،

وَلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ۝٥٧ وَكَمْ اَهْلَكْنَا مِنْ قَرْيَةٍۢ بَطِرَتْ

پر ڪيترا انهن مان نہ ٿا ڄاڻن. ۽ ڪيترائي هلاڪ ڪياسون اهڙا ڳوٺ جيڪي آڪڙجي ويا هئا

پر انهن مان گهڻا (ماڻهو) نہ ڄاڻندا آهن. ۽ ڳوٺن مان ڪيترائي ويران ڪياسون، جي پنهنجي گذران ۾ حد کان لنگهيا هئا،

مَعِيْشَتَهَا ۚ فَتِلْكَ مَسٰكِنُهُمْ لَمْ تُسْكَنْ مِّنْۢ بَعْدِهِمْ اِلَّا

پنهنجي عيش تي، پوءِ اهي آهن ماڳ انهن جا جو نہ آباد ٿيا . اجا تائين مگر

پوءِ اهي سندن رهڻ جون جايون آهن، انهن کان پوءِ ڪن ٿورڙن (وقتن) کان سواءِ (اتي) رهيو ئي ڪو نہ آهي،

قَلِيْلًا ۭ وَكُنَّا نَحْنُ الْوٰرِثِيْنَ ۝٥٨ وَمَا كَانَ رَبُّكَ مُهْلِكَ الْقُرٰى

ٿورا، ۽ اسان ئي وارث آهيون. ۽ ناهي رب تنهنجو برباد ڪندڙ ڳوٺن کي

۽ (آخر) اسين (ئي) وارث هياسون. ۽ (اي پيغمبر!) تنهنجو پالڻهار ڳوٺن کي (ايسين) ڪڏهن ناس ڪرڻ وارو نہ آهي،

حَتّٰى يَبْعَثَ فِيْٓ اُمِّهَا رَسُوْلًا يَّتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِنَا ۚ وَمَا كُنَّا

جيستر موڪلي انهنجي مرڪز ۾ ڪو رسول جو پڙهي ٻڌائي انهن کي آيتون اسانجون، ۽ ناهيون اسين

جيسين اُن جي ڪنهن وڏي شهر ۾ ڪو پيغمبر (نہ) موڪلي، جو اسان جون آيتون کين پڙهي ٻڌائي ۽ ڳوٺن کي

مُهْلِكِي الْقُرٰٓى اِلَّا وَاَهْلُهَا ظٰلِمُوْنَ ۝٥٩ وَمَآ اُوْتِيْتُمْ مِّنْ

هلاڪ ڪندڙ ڳوٺن کي مگر جڏهن اتي جا رهاڪو ظالم هجن، ۽ جيڪي مليو آهي توهان کي

ڪڏهن بہ ناس ڪرڻ وارا نہ آهيون، سواءِ انهيءَ حالت جي جو سندن رهڻ وارا ظالم هجن. ۽ هر جنس مان جيڪي اوهان

شَيْءٍ فَمَتَاعُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَزِيْنَتُهَا ۚ وَمَا عِنْدَ اللّٰهِ خَيْرٌ

ڪجهہ بہ پوءِ اهو سامان آهي دنيا جي زندگي جو ۽ سينگار ان جو، ۽ جيڪي رب وٽ آهي اهو گهڻو ڀلو

کي ڏنو ويو آهي، سو دنيا جي حياتيءَ جو سامان ۽ سندس سينگار آهي ۽ جيڪي الله وٽ آهي سو ڀلو آهي،

وَّاَبْقٰى ۭ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ۝٦٠ ع اَفَمَنْ وَّعَدْنٰهُ وَعْدًا حَسَنًا فَهُوَ

۽ ڄڻتادار آهي، ڇا پوءِ نہ ٿا سمجهو. ڇا پوءِ اهو جنهن سان وعدو ڪيوسون وعدو سهڻو پوءِ اهو

۽ سدائين رهڻ وارو آهي، پوءِ ڇو نہ سمجهہ رکندا آهيو؟ ڀلا جنهن کي انجام چڱو ڏنوسون پوءِ اهو

لَاقِيْهِ كَمَنْ مَّتَّعْنٰهُ مَتَاعَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ثُمَّ هُوَ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ

ملڻ وارو ان کي ان جهڙو آهي جنهن کي ڏنوسون سامان دنيا جي حياتي جو پوءِ اهو قيامت ڏينهن

ان کي ملڻ وارو آهي، سو انهيءَ جهڙو آهي ڇا، جنهن کي رڳو دنيا جي حياتيءَ جي سامان سان خوشحال ڪيوسون، وري اهو

مِنَ الْمُحْضَرِيْنَ ﴿٦١﴾ وَيَوْمَ يُنَادِيْهِمْ فَيَقُوْلُ اَيْنَ شُرَكَآءِيَ

هجي گرفتارن مان، ۽ جنهن ڏينهن سڏيندو انهن کي پوءِ چوندو ڪٿي آهن شريڪ منهنجا

قيامت جي ڏينهن (عذاب ۾) حاضر ڪيلن مان هجي؟ ۽ جنهن ڏينهن (الله) کين سڏي چوندو ته، منهنجا اهي شريڪ ڪٿي آهن.

الَّذِيْنَ كُنْتُمْ تَزْعُمُوْنَ ﴿٦٢﴾ قَالَ الَّذِيْنَ حَقَّ عَلَيْهِمُ الْقَوْلُ رَبَّنَا

جن جو توهان عقيدو رکندا هئا. چوندا اهي جن تي ثابت ٿيو اهو قول اي رب اسان جا

جن کي اوهين (مون جهڙو) ڀائيندا هيوَ؟. (اُن ڏينهن) جن تي عذاب (جو حڪم) لازم ٿي چڪو هوندو سي چوندا ته اي اسان

هٰٓؤُلَآءِ الَّذِيْنَ اَغْوَيْنَا ۚ اَغْوَيْنٰهُمْ كَمَا غَوَيْنَا ۚ تَبَرَّاْنَآ اِلَيْكَ ز

هي اهي آهن جنکي گمراهه ڪيوسون، گمراهه ڪيوسون انهن کي جيئن اسان گمراهه ٿياسون، اسان بيزار ٿياسون توڏانهن

جا پالڻهار! هي اهي آهن جن کي گمراهه ڪيوسون. جهڙا پاڻ گمراهه ٿياسون تهڙو کين (به) ڪيوسون. (هاڻي سڀني کان) تهنجي آڏو بيزار ٿيون ٿا.

مَا كَانُوْٓا اِيَّانَا يَعْبُدُوْنَ ﴿٦٣﴾ وَقِيْلَ ادْعُوْا شُرَكَآءَكُمْ فَدَعَوْهُمْ

اهي ڪونه پوڄيندا هئا اسان کي، ۽ چيو ويندو ته سڏيو شريڪن پنهنجن کي پوءِ سڏيندا انهن کي

اهي اسان کي نه پوڄيندا هئا. ۽ چيو ويندو ته پنهنجن شريڪن کي سڏيو، پوءِ کين سڏيندا

فَلَمْ يَسْتَجِيْبُوْا لَهُمْ وَرَاَوُا الْعَذَابَ ۚ لَوْ اَنَّهُمْ كَانُوْا يَهْتَدُوْنَ ﴿٦٤﴾

پوءِ اهي نه جواب ڏيندا انهن کي ۽ ڏسندا عذاب کي، جيڪر اهي هدايت وارا هجن ها.

ته (اهي) کين ورندي نه ڏيندا ۽ عذاب ڏسندا. (تڏهن سڌ ڪندا ته) جيڪر اهي (دنيا ۾) هدايت وارا هجن ها.

وَيَوْمَ يُنَادِيْهِمْ فَيَقُوْلُ مَاذَآ اَجَبْتُمُ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿٦٥﴾ فَعَمِيَتْ

۽ جنهن ڏينهن سڏيندو انهن کي پوءِ چوندو توهان ڪهڙو جواب ڏنو رسولن کي. پوءِ بند ٿيندءيون

۽ جنهن ڏينهن (الله) کين سڏيندو پوءِ چوندو ته اوهان پيغمبرن کي ڪهڙي ورندي ڏني؟. پوءِ اُن ڏينهن

عَلَيْهِمُ الْاَنْۢبَآءُ يَوْمَىِٕذٍ فَهُمْ لَا يَتَسَآءَلُوْنَ ﴿٦٦﴾ فَاَمَّا مَنْ تَابَ

انهن تي خبرون ان ڏينهن پوءِ اهي ڪين پڇندا هڪٻئي کان. پوءِ جنهن توبه ڪئي

(سڀ) ڳالهيون کين پلجي وينديون، پوءِ اهي پاڻ ۾ (به) نه پڇندا. پوءِ جنهن

وَاٰمَنَ وَعَمِلَ صَالِحًا فَعَسٰٓى اَنْ يَّكُوْنَ مِنَ الْمُفْلِحِيْنَ ﴿٦٧﴾

۽ ايمان آندو ۽ ڪم چڱا ڪيا ته اميد آهي جو ٿيندو ڇٽندڙن مان.

توبه ڪئي ۽ ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا، سو اميد آهي ته ڇٽلن مان ٿيندو.

وَرَبُّكَ يَخْلُقُ مَا يَشَآءُ وَيَخْتَارُ ؕ مَا كَانَ لَهُمُ الْخِيَرَةُ ؕ سُبْحٰنَ

۽ تنهنجو رب پيدا ڪري ٿو جيڪي چاهي ۽ پسند ڪري. ناهي انهن کي ڪوئي اختيار، الله پاڪ

۽ (اي پيغمبر!) تنهنجو پالڻهار جيڪي گهرندو آهي، سو خلقيندو آهي ۽ (جنهن کي گهرندو آهي تنهن کي) چونڊيندو آهي. انهن کي ڪو اختيار ڪونهي،

اللّٰهِ وَتَعٰلٰى عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿٦٨﴾ وَرَبُّكَ يَعْلَمُ مَا تُكِنُّ صُدُوْرُهُمْ وَ

آهي ۽ مٿانهون آهي ان کان جو شريڪ ٺاهن ٿا ڪن. ۽ تنهنجو رب ڄاڻي ٿو جيڪي لڪائن ٿا سينا انهن جا ۽

الله کي پاڪائي آهي ۽ جنهن کي ساڻس شريڪ مقرر ڪندا آهن، تنهن کان تمام مٿاهون آهي. ۽ سندن سينا جيڪي لڪائيندا آهن ۽ جيڪي پڌرو ڪندا آهن

مَا يُعْلِنُوْنَ ﴿٦٩﴾ وَهُوَ اللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ؕ لَهُ الْحَمْدُ فِى الْاُوْلٰى

جو ظاهر ڪن ٿا. ۽ اهوئي الله آهي ناهي ڪوئي مالڪ انهي کان سواءِ. ان جي ئي ساراهه آهي دنيا

سو تنهنجو پالڻهار ڄاڻندو آهي. ۽ اهو الله آهي ان کان سواءِ ڪو عبادت جي لائق نه آهي، دنيا ۽ آخرت ۾ سندس

وَالْاٰخِرَةِ ز وَلَهُ الْحُكْمُ وَاِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿٧٠﴾ قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ

۽ آخرت ۾ ۽ ان جوئي حڪم آهي ۽ انهي ڏانهن موٽايا ويندؤ. تون چئُو خبر ڏيو جيڪڏهن

ساراهه آهي ۽ سندس ئي حڪومت آهي ۽ ڏانهس اوهان کي موٽائبو. (ڪين) چئو ته، ڏسو ته سهي،

جَعَلَ اللّٰهُ عَلَيْكُمُ الَّيْلَ سَرْمَدًا اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ مَنْ

ڪري الله توهان تي رات ٻيڪي ڏينهن قيامت تائين ڪير آهي

جيڪڏهن الله اوهان تي قيامت جي ڏينهن تائين هميشه رات (قائم) ڪري ڇڏي ته الله کان سواءِ

اِلٰهٌ غَيْرُ اللّٰهِ يَاْتِيْكُمْ بِضِيَآءٍ ؕ اَفَلَا تَسْمَعُوْنَ ﴿٧١﴾ قُلْ اَرَءَيْتُمْ

حاڪم الله کان سواءِ جو آڻي توهان تي روشني، ڇا پوءِ نه ٿا ٻڌو. تون چئُو خبر ڏيو

(ٻيو) ڪهڙو معبود آهي جو اوهان وٽ سوجهرو آڻيندو؟ پوءِ نه ٻڌندا آهيو ڇا؟ (ڪين) چئو ته، ڏسو ته سهي،

اِنْ جَعَلَ اللّٰهُ عَلَيْكُمُ النَّهَارَ سَرْمَدًا اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ مَنْ

جيڪڏهن ڪري . الله توهان تي ڏينهن سانده قيامت جي ڏينهن تائين ڪير آهي

جيڪڏهن الله اوهان تي قيامت جي ڏينهن توڻي، هميشه ڏينهن (قائم) ڪري ڇڏي ته الله کان سواءِ

اِلٰهٌ غَيْرُ اللّٰهِ يَاْتِيْكُمْ بِلَيْلٍ تَسْكُنُوْنَ فِيْهِ ؕ اَفَلَا تُبْصِرُوْنَ ﴿٧٢﴾

حاڪم الله کان سواءِ جو آڻي توهان وٽ رات ڪي آرام ڪيو جنهن ۾، ڇا پوءِ نه ٿا ڏسو

(ٻيو) ڪهڙو معبود آهي، جو اوهان وٽ رات آڻيندو جنهن ۾ اوهين آرام وٺو؟ پوءِ اوهين نه ٿا ڏسو ڇا؟

وَمِنْ رَّحْمَتِهٖ جَعَلَ لَكُمُ الَّيْلَ وَالنَّهَارَ لِتَسْكُنُوْا فِيْهِ

۽ پنهنجي رحمت سان ڪيائين توهان لاءِ رات ۽ ڏينهن جيئن آرام وٺو ان ۾

۽ پنهنجيءَ ٻاجهه سان اوهان لاءِ رات ۽ ڏينهن بڻايائين ته (اوهين) منجهس آرام وٺو

وَلِتَبْتَغُوْا مِنْ فَضْلِهٖ وَلَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿٧٣﴾ وَيَوْمَ يُنَادِيْهِمْ

۽ طلب ڪريو ان جي فضل مان ۽ جيئن توهان شڪر ڪريو. ۽ جنهن ڏينهن سڏيندو انهن کي

۽ سندس فضل مان (روزي) طلب ڪريو ته مَن اوهين شڪرانو ڪريو. ۽ جنهن ڏينهن (الله) کين سڏي چوندو

فَيَقُوْلُ اَيْنَ شُرَكَآءِيَ الَّذِيْنَ كُنْتُمْ تَزْعُمُوْنَ ﴿٧٤﴾ وَنَزَعْنَا

پوءِ چوندو | ڪٿي آهن | شريڪ منهنجا | جن جو | توهان | عقيدو رکندا هئا. | ۽ ڪڍنداسون

تہ اهي منهنجا شريڪ ڪٿي آهن، جن کي اوهين (مون جهڙو) پائيندا هيوَ؟ ۽ هرهڪ ٽوليءَ مان

مِنْ كُلِّ اُمَّةٍ شَهِيْدًا فَقُلْنَا هَاتُوْا بُرْهَانَكُمْ فَعَلِمُوْٓا اَنَّ الْحَقَّ

هر امت مان | شاهدي ڏيندڙ | پوءِ چونداسون | آڻيو | دليل پنهنجو | پوءِ ڄاڻندا تہ | بيشڪ | حق

هڪ شاهد جدا ڪنداسون ۽ چونداسون تہ پنهنجو دليل پيش ڪريو؟ پوءِ (اهي) ڄاڻندا تہ بيشڪ حق الله جي پاسي آهي

ع ٧/٨ لِلّٰهِ وَضَلَّ عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ﴿٧٥﴾ ع اِنَّ قَارُوْنَ كَانَ مِنْ

الله لاءِ آهي ۽ گم ٿي ويندو کانئن | اهو جو | ٺاهيندا هئا. | قارون | هئو

۽ جيڪو ٺاهه ٺاهيندا هئا سو کانئن پلي ويندو. بيشڪ قارون موسيٰ جي قوم مان هو.

قَوْمِ مُوْسٰى فَبَغٰى عَلَيْهِمْ ص وَاٰتَيْنٰهُ مِنَ الْكُنُوْزِ مَآ اِنَّ

قوم | موسيٰ جي مان پوءِ زيادتي ڪيائين | انهن تي | ۽ ڏناسون ان کي | خزانا | ايترا | جو

پوءِ مٿن بغاوت ڪرڻ لڳو ۽ کيس خزانن مان ايترو ڏنو هيوسون، جو

مَفَاتِحَهٗ لَتَنُوْٓاُ بِالْعُصْبَةِ اُولِي الْقُوَّةِ ق اِذْ قَالَ لَهٗ قَوْمُهٗ

ان جي ڪنجين | ٿڪايو ٿي | هڪ ٽولي | طاقتور ڪي، | جڏهن | چيو | ان کي سندس قوم

سندس ڪنجين سگهه واري ٽوليءَ کي ٿڪايو ٿي، جڏهن سندس قوم کيس چيو تہ

لَا تَفْرَحْ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الْفَرِحِيْنَ ﴿٧٦﴾ وَابْتَغِ فِيْمَآ اٰتٰىكَ

نہ ڦونڊ ڪر | بيشڪ | الله | نہ ٿو پسند ڪري | ڦونڊڙين کي. | ۽ | گهر | انهي مان جيڪي ڏنو توکي

(مال ڏسي) نہ آڪڙ! ڇو تہ الله آڪڙ ڪندڙن کي پسند نہ ڪندو آهي. ۽ الله توکي جيڪي ڏنو آهي، تنهن سان

اللّٰهُ الدَّارَ الْاٰخِرَةَ وَلَا تَنْسَ نَصِيْبَكَ مِنَ الدُّنْيَا وَاَحْسِنْ

الله | آخرت وارو گهر | ۽ نہ | وسار | حصو پنهنجو | دنيا مان | ۽ | ڀلائي ڪر

آخرت جي گهر جي ڀلائي طلب ڪر ۽ دنيا مان پنهنجو (نيڪ عمل ڪرڻ جو) حصو نہ وسار ۽ جهڙيءَ طرح

كَمَآ اَحْسَنَ اللّٰهُ اِلَيْكَ وَلَا تَبْغِ الْفَسَادَ فِي الْاَرْضِ ط اِنَّ

جيئن | ڀلائي ڪئي | الله | توسان | ۽ نہ | طلب ڪر | فساد جي | ملڪ ۾ | بيشڪ

الله توسان چڱائي ڪئي آهي، تهڙيءَ طرح (تون سندس خلق سان) چڱائي ڪر ۽ زمين ۾ فساد وجهڻ نہ گهر، ڇو تہ

اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿٧٧﴾ قَالَ اِنَّمَآ اُوْتِيْتُهٗ عَلٰى عِلْمٍ

الله | نہ ٿو پسند ڪري | فساد ڪندڙن کي. | چيائين | رڳو | مليو آهي اهو مال | پنهنجي سمجهہ تي.

الله فساد ڪرڻ وارن کي پسند نہ ڪندو آهي. (قارون) چيو تہ، اهو (گهڻو مال) تہ رڳو هڪ هنر سان، جو مون وٽ آهي، مون

عِنْدِیْ ؕ اَوَلَمْ یَعْلَمْ اَنَّ اللّٰهَ قَدْ اَهْلَكَ مِنْ قَبْلِهٖ مِنَ

مون کي چا نہ ڄاتائين تہ الله هلاڪ ڪيون انهيءَ کان اڳ ۾ ڪيترين

کي مليو آهي. نہ ڄاتو هئائين ڇا تہ بيشڪ الله کانئس اڳ (اهي) ڪيترائي جُڳ ناس ڪري ڇڏيا هئا.

الْقُرُوْنِ مَنْ هُوَ اَشَدُّ مِنْهُ قُوَّةً وَّ اَكْثَرُ جَمْعًا ؕ وَلَا یُسْـَٔلُ

قومون جيڪي اهي وڌيڪ هيون ان کان طاقت ۾ ۽ زياده مال ۾، ۽ نہ پڇبو

جيڪي کانئس ڏاڍيءَ سگهہ وارا ۽ وڏي جماعت وارا هئا. ۽ ڏوهارين کان

عَنْ ذُنُوْبِهِمُ الْمُجْرِمُوْنَ ﴿٧٨﴾ فَخَرَجَ عَلٰی قَوْمِهٖ فِیْ زِیْنَتِهٖ ؕ

گناهن جو ڏوهارين کان. پوءِ نڪتو پنهنجي قوم تي پنهنجي ٺٺ سان،

سندن ڏوهن بابت (عذر) نہ پڇبو. پوءِ (هڪ ڏينهن) پنهنجي قوم جي سامهون پنهنجي سينگار سان نڪتو.

قَالَ الَّذِیْنَ یُرِیْدُوْنَ الْحَیٰوةَ الدُّنْیَا یٰلَیْتَ لَنَا مِثْلَ مَاۤ

چيو انهن جيڪي چاهيندا هئا حياتي دنيا جي هاءِ جيڪر هجي ها اسان کي ايترو جيڪي

جيڪي دنيا جي حياتي گهرندا هئا، تن چيو تہ، هٿ ارمان! اهڙو (مال جيڪر) اسان کي (بہ) هجي ها

اُوْتِیَ قَارُوْنُ ۙ اِنَّهٗ لَذُوْ حَظٍّ عَظِیْمٍ ﴿٧٩﴾ وَقَالَ الَّذِیْنَ

ڏنو ويو قارون کي بيشڪ اهو وڏي ڀاڳ وارو آهي. ۽ چيو انهن جن کي

جهڙوڪ قارون کي ڏنو ويو آهي! بيشڪ اُهو وڏي نصيب وارو آهي. ۽ جن کي علم ڏنو ويو تن چيو تہ.

اُوْتُوا الْعِلْمَ وَیْلَكُمْ ثَوَابُ اللّٰهِ خَیْرٌ لِّمَنْ اٰمَنَ وَعَمِلَ

ڏنو ويو علم ويل هجيوَ درجو الله وٽ بهتر آهي انهيءَ لاءِ جيڪو ايمان آڻي ۽ ڪري ڪم

اوهان لاءِ ويل هجي! الله جو ثواب انهيءَ ماڻهوءَ لاءِ ڀلو آهي، جنهن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا.

صَالِحًا ۚ وَلَا یُلَقّٰىهَاۤ اِلَّا الصّٰبِرُوْنَ ﴿٨٠﴾ فَخَسَفْنَا بِهٖ وَبِدَارِهِ

چڱا، ۽ نہ ڏنو ويندو اهو مگر صبر وارن کي. پوءِ گهنوايوسون ان کي ۽ سندس گهر کي

اها (ڳالهہ) صابرن کان سواءِ (ٻئي) ڪنهن جي دل ۾ نہ گهڙندي آهي. پوءِ کيس ۽ سندس گهر کي زمين ۾ گهايوسون.

الْاَرْضَ قف فَمَا كَانَ لَهٗ مِنْ فِئَةٍ یَّنْصُرُوْنَهٗ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ۗ

ڌرتي ۾، پوءِ نہ هئو انکي ڪو ٽولو جو مدد ڪن ان جي الله کان سواءِ

پوءِ الله کان سواءِ ڪا ٽولي اُن لاءِ ڪانہ هئي، جا ڪيس مدد ڏئي

وَمَا كَانَ مِنَ الْمُنْتَصِرِیْنَ ﴿٨١﴾ وَاَصْبَحَ الَّذِیْنَ تَمَنَّوْا مَكَانَهٗ

۽ نہ هئو بدلي وٺندڙن مان. ۽ صبح جو جن سڌ ڪئي ٿي ان جي مرتبي جهڙي

۽ نڪي پاڻ وير وٺڻ وارن مان هو. ۽ جن ڪالهہ سندس مرتبي جي سڌ ٿي ڪئي سي صبح جو

بِالْاَمْسِ يَقُوْلُوْنَ وَيْكَاَنَّ اللّٰهَ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَآءُ

كالهه چوڻ لڳا هاءِ بيشڪ الله وڌائي ٿو رزق جنهن لاءِ گهري ٿو

چوڻ لڳا ته، عجب آهي ته الله پنهنجن ٻانهن مان جنهن لاءِ گهرندو آهي (تنهن جي) روزي ڪشادي ڪندو آهي

مِنْ عِبَادِهٖ وَيَقْدِرُ ۚ لَوْلَآ اَنْ مَّنَّ اللّٰهُ عَلَيْنَا لَخَسَفَ بِنَا ؕ

پنهنجي ٻانهن مان ۽ گهٽائي ٿو، جيڪڏهن نه مهرباني ڪري ها الله اسان تي ته گُسائي ڇڏي ها اسان کي،

۽ تنگ (به) ڪندو آهي، جيڪڏهن الله اسان تي احسان نه ڪري ها ته اسان کي (به زمين ۾) ڳهائي ڇڏي ها!

وَيْكَاَنَّهٗ لَا يُفْلِحُ الْكٰفِرُوْنَ ﴿٨٢﴾ ع تِلْكَ الدَّارُ الْاٰخِرَةُ نَجْعَلُهَا

هاءِ بيشڪ نه ڪامياب ٿيندا ڪافر. اهو آهي گهر آخرت جو ڪريون ٿا ان کي

نه ڄاتو اٿئي ته ڪافرن کي ڇوٽڪارو نه آهي؟. اهو آخرت جو گهر آهي، جنهن کي اسان انهن لاءِ مقرر ڪيو آهي،

لِلَّذِيْنَ لَا يُرِيْدُوْنَ عُلُوًّا فِي الْاَرْضِ وَلَا فَسَادًا ؕ وَالْعَاقِبَةُ

انهن لاءِ جيڪي نه ٿا چاهين وڌائي ڪرڻ زمين ۾ ۽ نڪي فساد، ۽ چڱي پڇاڙي آهي

جيڪي ملڪ ۾ وڏائي ڪرڻ نه گهرندا آهن ۽ نڪي فساد وجهڻ (گهرندا آهن)، ۽ (چڱي) عاقبت

لِلْمُتَّقِيْنَ ﴿٨٣﴾ مَنْ جَآءَ بِالْحَسَنَةِ فَلَهٗ خَيْرٌ مِّنْهَا ۚ وَمَنْ جَآءَ

پرهيزگارن لاءِ. جيڪو آڻي چڱائي ته ان کي ملندو بهتر انهي کان، ۽ جيڪو آڻي

پرهيزگارن لاءِ آهي. جيڪو چڱائي آڻيندو تنهن لاءِ اُن کان ڀَلو (بدلو) آهي ۽ جيڪو

بِالسَّيِّئَةِ فَلَا يُجْزَى الَّذِيْنَ عَمِلُوا السَّيِّاٰتِ اِلَّا مَا

برائي پوءِ نه بدلو ڏنو ويندو انهن کي جن ڪيون برايون. مگر اهو جيڪي

مدائي آڻيندو ته مدائين ڪرڻ وارا رڳو اها سزا لهندا جيڪي ڪيائون ٿي.

كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٨٤﴾ اِنَّ الَّذِيْ فَرَضَ عَلَيْكَ الْقُرْاٰنَ لَرَآدُّكَ

ڪندا هئا. بيشڪ اهو جنهن مقرر ڪيو توتي قرآن اهو موٽائيندو توکي

بيشڪ جنهن (الله) توتي قرآن نازل ڪيو، سو موٽڻ جي جاءِ (آخرت) ڏانهن توکي ضرور موٽائڻ وارو آهي.

اِلٰى مَعَادٍ ؕ قُلْ رَّبِّيْٓ اَعْلَمُ مَنْ جَآءَ بِالْهُدٰى وَمَنْ هُوَ

ماڳ تي، تون چؤ منهنجو رب وڌيڪ ڄاڻي ٿو ته ڪنهن آندي هدايت ۽ ڪير آهي اهو

(اي پيغمبر! کين) چئو ته، جنهن هدايت آندي، تنهن کي منهنجو پالڻهار چڱو ڄاڻندڙ آهي ۽ انهيءَ کي به جيڪو

فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٨٥﴾ وَمَا كُنْتَ تَرْجُوْٓا اَنْ يُّلْقٰٓى اِلَيْكَ الْكِتٰبُ

گمراهي پڌري ۾. ۽ نه هئين تون آسرو رکندو ته موڪليو ويندو توڏانهن قرآن

پڌريءَ گمراهيءَ ۾ آهي. ۽ توکي ڪو آسرو نه هو ته توڏانهن (هيءُ) ڪتاب لاهبو.

إِلَّا رَحْمَةً مِّن رَّبِّكَ فَلَا تَكُونَنَّ ظَهِيرًا لِّلْكَٰفِرِينَ ﴿٨٦﴾
مگر مليو رحمت سان. تنهنجي رب کان پوءِ هرگز نہ ٿجانءِ مددگار ڪافرن جو.
پر تنهنجي پالڻهار جي ٻاجهہ سان (لاٿو ويو) پوءِ ڪافرن جو مددگار هرگز نہ ٿيءُ.

وَلَا يَصُدُّنَّكَ عَنْ ءَايَٰتِ ٱللَّهِ بَعْدَ إِذْ أُنزِلَتْ إِلَيْكَ وَٱدْعُ
۽ اهي هرگز نہ روڪين توکي الله جي حڪمن کان جڏهن لاٿا ويا توڏانهن ۽ سڏ
۽ (اي پيغمبر!) توکي الله جي آيتن (جي پهچائڻ) کان، اُن کان بعد جو تو ڏانهن موڪليون ويون، (ڪافر) نہ جهلين ۽

إِلَىٰ رَبِّكَ ۖ وَلَا تَكُونَنَّ مِنَ ٱلْمُشْرِكِينَ ﴿٨٧﴾ وَلَا تَدْعُ مَعَ ٱللَّهِ
پنهنجي رب ڏانهن ۽ نہ ٿيءُ مشرڪن مان. ۽ نہ پڪار الله سان گڏ
پنهنجي پالڻهار ڏانهن (ماڻهن کي) سڏ ۽ مشرڪن مان ڪڏهن نہ ٿيءُ. ۽ الله سان گڏ ٻئي ڪنهن کي

إِلَٰهًا ءَاخَرَ ۘ لَآ إِلَٰهَ إِلَّا هُوَ ۚ كُلُّ شَيْءٍ هَالِكٌ إِلَّا وَجْهَهُۥ ۚ
مالڪ ٻيو. ناهي ڪوئي بندگيءَ جي لائق مگر اهو. هر شيءِ فنا ٿيندڙ آهي مگر انهي جي ذات.
معبود (سمجهي) نہ سڏ. اُن کان سواءِ ڪو عبادت جي لائق نہ آهي، سندس ذات کان سواءِ سڀڪا شيءِ ناس ٿيڻ

وقف لازم

لَهُ ٱلْحُكْمُ وَإِلَيْهِ تُرْجَعُونَ ﴿٨٨﴾
انهيءَ جو ئي حڪم آهي ۽ انهيءَ ڏانهن ئي موٽايا ويندؤ.
واري آهي، سڀ حڪم اُن جو ئي آهي ۽ ڏانهس موٽايا ويندو.

الثلثة ع ۲

سُوْرَةُ الْعَنْكَبُوْتِ مَكِّيَّةٌ | بِسْمِ ٱللَّهِ ٱلرَّحْمَٰنِ ٱلرَّحِيمِ | اٰيَاتُهَا ٦٩ رُكُوْعَاتُهَا ٧

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.
الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

الٓمٓ ﴿١﴾ أَحَسِبَ ٱلنَّاسُ أَن يُتْرَكُوٓا۟ أَن يَقُولُوٓا۟ ءَامَنَّا وَهُمْ
الم. ڇا سمجهيو آهي ماڻهن تہ ڇٽي ويندا هن چوڻ تي تہ اسان ايمان آندو آهي ۽ اهي
الم. ماڻهن ڀانيو آهي ڇا تہ سندن (رڳو ايتري) چوڻ تي تہ "ايمان آندوسون". اهي ڇڏي ڏبا ۽ اهي

لَا يُفْتَنُونَ ﴿٢﴾ وَلَقَدْ فَتَنَّا ٱلَّذِينَ مِن قَبْلِهِمْ ۖ فَلَيَعْلَمَنَّ
نہ آزمايا ويندا. ۽ يقينن اسان آزمايو انهن کي جيڪي انهن کان اڳ هئا پوءِ ضرور ظاهر ڪندو
نہ آزمائبا؟. ۽ جيڪي ڪانئن اڳ هئا. تن کي بيشڪ پرکيوسون. پوءِ

ٱللَّهُ ٱلَّذِينَ صَدَقُوا۟ وَلَيَعْلَمَنَّ ٱلْكَٰذِبِينَ ﴿٣﴾ أَمْ حَسِبَ
الله انهن کي جن سچ چيو ۽ ضرور ظاهر ڪندو ڪوڙن کي. ڇا سمجهيو آهي انهن
جيڪي سچا آهن، تن کي الله ضرور ڌار ڪندو ۽ ڪوڙن کي (بہ) ضرور ڌار ڪندو. جيڪي

الَّذِيۡنَ يَعۡمَلُوۡنَ السَّيِّاٰتِ اَنۡ يَّسۡبِقُوۡنَا ؕ سَآءَ مَا يَحۡكُمُوۡنَ ④

جيڪي ڪن ٿا بڇڙا ڪم تہ نڪري ويندا اسان کان. برو آهي اهو جيڪو فيصلو ٿا ڪن.

بڇڙايون ڪن ٿا، تن ڀانيو آهي ڇا تہ اسان کان اڳي نڪري ويندا؟ جيڪو فيصلو ڪن ٿا، سو بڇڙو آهي.

مَنۡ كَانَ يَرۡجُوۡا لِقَآءَ اللّٰهِ فَاِنَّ اَجَلَ اللّٰهِ لَاٰتٍ ؕ وَهُوَ

جيڪو اميد رکي ٿو الله سان ملاقات جي پوءِ وعدو الله جو ايندڙ آهي، ۽ اهو

جيڪو الله جي ملڻ جي اميد رکندو آهي، سو (سمجهي) تہ بيشڪ الله جي ٺهرايل مدت ضرور اچڻي آهي، ۽ اهو

السَّمِيۡعُ الۡعَلِيۡمُ ⑤ وَمَنۡ جَاهَدَ فَاِنَّمَا يُجَاهِدُ لِنَفۡسِهٖ ؕ

ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. ۽ جيڪو جهاد ڪندو پوءِ رڳو جهاد ڪري ٿو پنهنجي نفس لاءِ.

ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. ۽ جيڪو (الله جي دين لاءِ) ڪوشش ڪري سو رڳو پنهنجي لاءِ ئي ڪوشش ٿو ڪري.

اِنَّ اللّٰهَ لَغَنِىٌّ عَنِ الۡعٰلَمِيۡنَ ⑥ وَالَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَعَمِلُوا

بيشڪ الله بي پرواهہ آهي جهان وارن کان. ۽ جن ايمان آندو ۽ ڪم ڪيا

ڇو تہ الله جهانن کان بي پرواهہ آهي. ۽ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا،

الصّٰلِحٰتِ لَنُكَفِّرَنَّ عَنۡهُمۡ سَيِّاٰتِهِمۡ وَلَنَجۡزِيَنَّهُمۡ اَحۡسَنَ

چڱا ضرور اسان معاف ڪنداسون انهن کان گناهہ انهن جا ۽ ضرور بدلو ڏينداسون انهن کي زوريلو

تن کان سندن مدايون ضرور ميٽينداسون ۽ جيڪي ڪندا هئا، تنهن جو کين

الَّذِىۡ كَانُوۡا يَعۡمَلُوۡنَ ⑦ وَوَصَّيۡنَا الۡاِنۡسَانَ بِوَالِدَيۡهِ

ان کان جيڪي ڪندا هئا. ۽ حڪم ڪيوسون انسان کي پنهنجي ماءُ پيءُ سان

ڏاڍو چڱو بدلو ڏينداسون. ۽ ماڻهوءَ کي پنهنجي ماءُ پيءُ سان چڱائيءَ ڪرڻ جو حڪم ڪيوسون.

حُسۡنًا ؕ وَاِنۡ جَاهَدٰكَ لِتُشۡرِكَ بِىۡ مَا لَيۡسَ لَكَ بِهٖ عِلۡمٌ

چڱي هلڻ جو. ۽ جيڪڏهن اهي وڙهن توسان جيئن تون شريڪ ڪرين مون سان ان کي جو ناهي توکي ان جو علم

۽ (اي ماڻهو!) جيڪڏهن (اهي) مون سان ڪنهن کي شريڪ ڪرڻ جي لاءِ توکي مجبور ڪن، جنهن (جي حقيقت) جي توکي ڪا ڄاڻ نہ آهي

فَلَا تُطِعۡهُمَا ؕ اِلَىَّ مَرۡجِعُكُمۡ فَاُنَبِّئُكُمۡ بِمَا كُنۡتُمۡ تَعۡمَلُوۡنَ ⑧

پوءِ نہ چيو وٺ انهن جو. مون ڏانهن آهي موٽڻ توهان جو پوءِ ٻڌائيندس توهان کي جيڪي توهان ڪم ڪندا هئا.

تہ انهن جو چيو نہ مڃ، اوهان جو مون ڏانهن موٽڻ آهي، تنهن ڪري جيڪي ڪندا هيو، تنهن جي اوهان کي سڌ ڏيندس.

وَالَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَنُدۡخِلَنَّهُمۡ فِى الصّٰلِحِيۡنَ ⑨

۽ جن ايمان آندو ۽ ڪم ڪيا چڱا ضرور داخل ڪنداسون انهن کي ڀلن ماڻهن ۾.

۽ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا، تن کي صالحن (جي ٽوليءَ) ۾ ضرور داخل ڪنداسون.

وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّقُوْلُ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ فَاِذَآ اُوْذِيَ فِي اللّٰهِ جَعَلَ

۽ ڪي ماڻھو اهڙا آهن جو چون ٿا اسان ايمان آندوسون الله تي پوءِ جڏهن انکي ايذاءُ ڏنو ويو الله جي راهه ۾ تہ ڪري ٿو

۽ ماڻهن مان ڪي (اهڙا) آهن. جيڪي چوندا آهن تہ الله تي ايمان آندو اٿئون. پوءِ جڏهن الله (جي واٽ) ۾ انکي (ڪو) ايذاءُ پهچايو ويندو آهي (تڏهن)

فِتْنَةَ النَّاسِ كَعَذَابِ اللّٰهِ ؕ وَلَئِنْ جَآءَ نَصْرٌ مِّنْ رَّبِّكَ

ماڻهن جي ستائڻ کي جهڙو عذاب الله جو ۽ جيڪڏهن اچي مدد تنهنجي رب جي

ماڻهن جي ايذائڻ کي الله جي عذاب وانگر سمجهندو آهي، ۽ جيڪڏهن تنهنجي پالڻهار وٽان ڪا مدد ايندي آهي

لَيَقُوْلُنَّ اِنَّا كُنَّا مَعَكُمْ ؕ اَوَلَيْسَ اللّٰهُ بِاَعْلَمَ بِمَا فِيْ صُدُوْرِ

تہ چون ٿا اسان توهان سان گڏ آهيون، ۽ ڇا ناهي الله ڄاڻندڙ ان کي جيڪو سينن ۾ آهي

تہ چوندا آهن تہ. بيشڪ اسين اوهان ساڻ هياسون. جيڪي جهان (وارن) جي دلين ۾ آهي سو الله چڱيءَ طرح ڄاڻندو نہ آهي ڇا؟

الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٠﴾ وَلَيَعْلَمَنَّ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَلَيَعْلَمَنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ ﴿١١﴾

جهان وارن جي. ۽ ضرور ڄاڻندو الله ايمان وارن کي ۽ ضرور ڄاڻندو ڪوڙن ماڻهن کي.

۽ جن ايمان آندو آهي، تن کي الله ضرور ڌار ڪندو ۽ منافقن کي بہ ضرور ڌار ڪندو.

وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّبِعُوْا سَبِيْلَنَا وَلْنَحْمِلْ

۽ چيو ڪافرن ايمان وارن کي هلو اسان جي رستي تي ۽ اسان کڻنداسون

۽ ڪافر مؤمنن کي چون ٿا تہ. (اوهين) اسان جي واٽ جي تابعداري ڪريو ۽ (اسين) اوهان جون

خَطٰيٰكُمْ ؕ وَمَا هُمْ بِحٰمِلِيْنَ مِنْ خَطٰيٰهُمْ مِّنْ شَيْءٍ ؕ اِنَّهُمْ

گناهہ توهان جا. ۽ ناهن اهي کڻندڙ انهن جي گناهن مان ڪجهہ بہ. بيشڪ اهي

مدايون کڻنداسين، حالانڪ اهي سندن مداين مان ڪجهہ بہ کڻڻ وارا نہ آهن. بيشڪ اهي

لَكٰذِبُوْنَ ﴿١٢﴾ وَلَيَحْمِلُنَّ اَثْقَالَهُمْ وَاَثْقَالًا مَّعَ اَثْقَالِهِمْ ؗ وَ

ڪوڙا آهن. ۽ ضرور کڻندا پنهنجا بار ۽ ٻيا بار پنهنجي بارن سان گڏ. ۽

ڪوڙا آهن. ۽ پنهنجون (گناهن جون) ڳنڍڙيون ۽ (ٻيون ڪيئي) ڳنڍڙيون پنهنجي گناهن سان ضرور کڻندا ۽

لَيُسْـَٔلُنَّ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ عَمَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ﴿١٣﴾ ع وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا نُوْحًا ع ١٢

ضرور پڇا ڪئي ويندن قيامت ڏينهن انهن ڳالهين بابت جي ٺاهيندا هئا ۽ اسان موڪليوسون نوح کي

جيڪو ناهہ ٺاهيندا آهن، تنهن بابت قيامت جي ڏينهن ضرور پُڇيا ويندا. ۽ بيشڪ نوح کي سندس قوم ڏانهن موڪليوسون.

اِلٰى قَوْمِهٖ فَلَبِثَ فِيْهِمْ اَلْفَ سَنَةٍ اِلَّا خَمْسِيْنَ عَامًا ؕ فَاَخَذَهُمُ

سندس قوم ڏانهن پوءِ رهيو انهن ۾ هزار سال پنجاهہ سال گهٽ. پوءِ ورتو انهن کي

پوءِ پنجاهہ ورهيہ گهٽ (هڪ) هزار سال منجهن رهيو. پوءِ کين طوفان پڪڙيو

الطُّوفَانُ وَهُمْ ظٰلِمُوْنَ ﴿١٤﴾ فَاَنْجَيْنٰهُ وَاَصْحٰبَ السَّفِيْنَةِ وَ
طوفان ۽ اهي ظالم هئا. پوءِ بچايوسون ان کي ۽ ٻيڙيءَ وارن کي ۽
۽ اهي ظالم هئا. پوءِ کيس ۽ ٻيڙيءَ وارن کي (ٻڏڻ کان) بچايوسون ۽ ان (ٻيڙيءَ) کي

جَعَلْنٰهَآ اٰيَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ ﴿١٥﴾ وَاِبْرٰهِيْمَ اِذْ قَالَ لِقَوْمِهِ اعْبُدُوا
ڪيوسون ان کي عبرت جهان وارن لاءِ. ۽ ابراهيم کي جڏهن چيائين پنهنجي قوم کي بندگي ڪريو
جهان (وارن) لاءِ نشاني ڪيوسون. ۽ ابراهيم کي (موڪليوسون) جڏهن پنهنجيءَ قوم کي چيائين ته، الله جي عبادت ڪريو

اللّٰهَ وَاتَّقُوْهُ ۭ ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿١٦﴾ اِنَّمَا تَعْبُدُوْنَ
الله جي ۽ ڊڄوانهيءَ کان، اهو اٿو ڀلو توهان لاءِ جيڪڏهن توهان سمجهه رکو ٿا. رڳو پوڄيو ٿا
۽ کانئس ڊڄو. اهو اوهان لاءِ ڀلو آهي، جيڪڏهن اوهين ڄاڻندا آهيو. اوهين ته الله کان سواءِ

مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَوْثَانًا وَّتَخْلُقُوْنَ اِفْكًا ۭ اِنَّ الَّذِيْنَ تَعْبُدُوْنَ
الله کان سواءِ بتن کي ۽ ٺاهيو ٿا ڪوڙ، بيشڪ جن کي توهان پوڄيو ٿا
بتن کي پوڄيندا آهيو ۽ اوهين (ڪوڙو) ناهه ٺاهيندا آهيو. بيشڪ الله کان سواءِ جن کي پوڄيندا آهيو.

مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ لَا يَمْلِكُوْنَ لَكُمْ رِزْقًا فَابْتَغُوْا عِنْدَ اللّٰهِ الرِّزْقَ
سواءِ الله جي اهي نه آهن مالڪ توهان جي رزق جا پوءِ گهرو الله وٽان رزق کي
سي اوهان کي روزي (ڏيڻ) جا (ڪي) مالڪ نه آهن. تنهن ڪري الله وٽان روزي طلب ڪريو ۽ سندس

وَاعْبُدُوْهُ وَاشْكُرُوْا لَهٗ ۭ اِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿١٧﴾ وَاِنْ تُكَذِّبُوْا فَقَدْ
۽ بندگي ڪريوان جي ۽ شڪر ڪريو انهيءَ جو، ان ڏانهن ئي موٽايا ويندؤ. ۽ جيڪڏهن ڪوڙو ڪندؤ پوءِ
عبادت ڪريو ۽ سندس شڪرانو ڪريو. ڏانهس موٽايا ويندؤ. ۽ جيڪڏهن ڪوڙو ڀانيو ٿا ته، (ڇا ٿيو؟) بيشڪ اوهان کان اڳ

كَذَّبَ اُمَمٌ مِّنْ قَبْلِكُمْ ۭ وَمَا عَلَى الرَّسُوْلِ اِلَّا الْبَلٰغُ الْمُبِيْنُ ﴿١٨﴾
ڪوڙو ڪيو هو ڪيترن قومن توهان کان اڳ، ۽ ناهي رسول تي مگر پهچائڻ پڌرو.
(ڪيترين) امتن (پنهنجن پيغمبرن کي) ڪوڙو ڀانيو هو ۽ پيغمبر تي پڌري پيغام پهچائڻ کان سواءِ (ٻيو ڪجهه رکيل) نه آهي.

اَوَلَمْ يَرَوْا كَيْفَ يُبْدِئُ اللّٰهُ الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيْدُهٗ ۭ اِنَّ ذٰلِكَ
ڇا نه ٿا ڏسن ڪيئن نئون پيدا ڪري ٿو الله خلق کي وري موٽائي ٿو ان کي، بيشڪ اهو
نه ڏٺو اٿن، ڇا؟ ته الله خلق کي ڪهڙيءَ طرح نئين سر بڻائيندو آهي. وري ان کي ٻيهر بڻائيندو بيشڪ اهو (ڪم)

عَلَى اللّٰهِ يَسِيْرٌ ﴿١٩﴾ قُلْ سِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ فَانْظُرُوْا كَيْفَ بَدَاَ الْخَلْقَ
الله تي آسان آهي. چؤ گهمو ملڪ ۾ پوءِ ڏسو ڪيئن شروع ڪيائين پيدائش
الله تي آسان آهي. (کين) چئو ته، ملڪ ۾ گهمو پوءِ نظر ڪريو ته الله ڪيئن نئين سر خلق کي پيدا ڪيو.

ثُمَّ اللّٰهُ يُنْشِئُ النَّشْاَةَ الْاٰخِرَةَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٢٠﴾ ج

وري اللہ اٿاريندو اٿارڻ پيهر. بيشڪ اللہ هرشيءِ تي قادر آهي.

وري ان پيدا ڪيل کي اللہ پيهر پيدا ڪندو، ڇو ته اللہ سڀڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي.

يُعَذِّبُ مَنْ يَّشَآءُ وَيَرْحَمُ مَنْ يَّشَآءُ ۚ وَاِلَيْهِ تُقْلَبُوْنَ ﴿٢١﴾

عذاب ڪري ٿو جنهن کي گهري ۽ رحم ڪري ٿو جنهنکي چاهي. ۽ انهيءَ ڏانهن موٽايا ويندؤ.

جنهن کي وڻيس تنهن کي عذاب ڪري ۽ جنهن کي وڻيس تنهن تي رحم ڪري ۽ (اوهين) ڏانهس موٽايا ويندؤ.

وَمَآ اَنْتُمْ بِمُعْجِزِيْنَ فِي الْاَرْضِ وَلَا فِي السَّمَآءِ ز وَمَا لَكُمْ

۽ ناهيو اوهين عاجز ڪندڙ زمين ۾ ۽ نڪي آسمان ۾ ۽ ناهي ڪوئي توهان جو

۽ اوهين نڪي زمين ۾ ۽ نڪي آسمان ۾ عاجز ڪرڻ وارا آهيو ۽ اوهان جو اللہ کان سواءِ

مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ مِنْ وَّلِيٍّ وَّلَا نَصِيْرٍ ﴿٢٢﴾ ع وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِ ع

اللہ کان سواءِ ڪو حمايتي ۽ نڪي مددگار. ۽ اهي جن انڪار ڪيو اللہ جي

نه ڪو سڄڻ ۽ نه ڪو مددگار آهي. ۽ جن اللہ جي آيتن ۽ سندس ملڻ جو انڪار ڪيو

اللّٰهِ وَلِقَآئِهٖٓ اُولٰٓئِكَ يَئِسُوْا مِنْ رَّحْمَتِيْ وَاُولٰٓئِكَ لَهُمْ

آيتن جو ۽ ان سان ملڻ جو اهي نااميد ٿيا منهنجي رحمت کان ۽ انهن لاءِ آهي

سي منهنجي ٻاجھ کان نااميد ٿيا آهن ۽ انهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي.

عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٢٣﴾ فَمَا كَانَ جَوَابَ قَوْمِهٖٓ اِلَّآ اَنْ قَالُوا اقْتُلُوْهُ

عذاب دردناڪ. پوءِ نه هئو ڪو جواب سندس قوم جو مگر هي چيائون ته قتل ڪريوس

پوءِ ابراهيم جي قوم جي ورندي هن چوڻ کان سواءِ (ٻي) ڪانه هئي ته ان کي ڪُهو

اَوْ حَرِّقُوْهُ فَاَنْجٰىهُ اللّٰهُ مِنَ النَّارِ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ

يا ساڙيوس پوءِ بچايو ان کي اللہ باھ کان. يقينن انهيءَ ۾ نشانيون آهن ماڻهن لاءِ

يا ان کي ساڙيو پوءِ اللہ کيس باھ کان بچايو. بيشڪ هن (احوال) ۾ مڃيندڙ قوم لاءِ وڏيون نشانيون آهن.

يُّؤْمِنُوْنَ ﴿٢٤﴾ وَقَالَ اِنَّمَا اتَّخَذْتُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَوْثَانًا ۙ مَّوَدَّةَ

جيڪي ايمان آڻين ٿا. ۽ چيائين رڳو ٺهرايو آهي توهان اللہ کان سواءِ بتن کي دوستي لاءِ

۽ (ابراهيم) چيو ته، اوهان دنيا جي حياتيءَ ۾ رڳو پاڻ ۾ دوستيءَ جي ڪري اللہ کان سواءِ

بَيْنِكُمْ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ ثُمَّ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ يَكْفُرُ بَعْضُكُمْ

هڪٻئي ۾ دنيا جي حياتي ۾، وري قيامت ڏينهن انڪار ڪندا هڪڙا توهان مان

بتن کي اختيار ڪيو آهي، وري قيامت جي ڏينهن اوهين هڪٻئي جو انڪار ڪندؤ

بِبَعْضٍ وَّيَلْعَنُ بَعْضُكُمْ بَعْضًا ز وَّمَاْوٰىكُمُ النَّارُ وَمَا
ٻين جو ۽ لعنت ڪندا هڪڙا ٻين کي ۽ جاءِ توهان جي آهي باهه ۽ نه هوندو
۽ اوهان مان هڪڙا ٻين تي لعنت ڪندا ۽ اوهان جي جاءِ دوزخ آهي ۽

لَكُمْ مِّنْ نّٰصِرِيْنَ ﴿٢٥﴾ فَاٰمَنَ لَهٗ لُوْطٌ م وَقَالَ اِنِّيْ مُهَاجِرٌ
توهان لاءِ ڪوئي مددگار، پوءِ مڃيو انهيءَ کي لوط، ۽ چيائين مان ڇڏيان ٿو وطن
اوهان جو ڪوبه مددگار نه آهي. پوءِ ابراهيم تي لوط ايمان آندو ۽ ابراهيم چيو ته، بيشڪ آءٌ

وقف لازم

اِلٰى رَبِّيْ ط اِنَّهٗ هُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿٢٦﴾ وَوَهَبْنَا لَهٗٓ اِسْحٰقَ وَ
پنهنجي رب خاطر بيشڪ اهو زبردست آهي حڪمت وارو آهي. ۽ بخشيوسون ان کي اسحاق ۽
پنهنجي پالڻهار ڏانهن وطن ڇڏڻ وارو آهيان، بيشڪ اهو غالب حڪمت وارو آهي. ۽ ان کي اسحاق ۽

يَعْقُوْبَ وَجَعَلْنَا فِيْ ذُرِّيَّتِهِ النُّبُوَّةَ وَالْكِتٰبَ وَاٰتَيْنٰهُ
يعقوب ۽ مقرر ڪئي سون ان جي اولاد ۾ نبوت ۽ ڪتاب ۽ ڏنوسون ان کي
يعقوب بخشيوسون ۽ سندس اولاد ۾ پيغمبري ۽ ڪتاب مقرر ڪيوسون ۽ کيس دنيا ۾

اَجْرَهٗ فِي الدُّنْيَا ج وَاِنَّهٗ فِي الْاٰخِرَةِ لَمِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿٢٧﴾
بدلو ان جو دنيا ۾، ۽ اهو آخرت ۾ آهي صالحن مان.
سندس اجر ڏنوسون، ۽ بيشڪ اهو آخرت ۾ (به) صالحن مان آهي.

وَلُوْطًا اِذْ قَالَ لِقَوْمِهٖٓ اِنَّكُمْ لَتَاْتُوْنَ الْفَاحِشَةَ ز مَا
۽ لوط کي جڏهن چيائين پنهنجي قوم کي ته توهان ڪيو ٿا اهڙي بي حيائي جو
۽ لوط کي (پيغمبر ڪري موڪليوسون) جڏهن پنهنجيءَ قوم کي چيائين ته، اوهين اهو بي حيائيءَ جو ڪم ڪندا آهيو جو

سَبَقَكُمْ بِهَا مِنْ اَحَدٍ مِّنَ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٢٨﴾ اَئِنَّكُمْ لَتَاْتُوْنَ
نه اڳي ڪئي توهان کان اها ڪنهن به جهان وارن مان. ڇا توهان اچو ٿا
جهان وارن مان ڪنهن هڪ (به) اهو اوهان کان اڳ نه ڪيو آهي. ڇا اوهين نرن ڏانهن (شهوت سان) ويندا آهيو

الرِّجَالَ وَتَقْطَعُوْنَ السَّبِيْلَ ۵ لا وَتَاْتُوْنَ فِيْ نَادِيْكُمُ
مردن تي ۽ ڪپيو ٿا رستي کي ۽ ڪيو ٿا پنهنجي ڪچهري ۾
۽ واٽ تي ڦر ڪندا آهيو ۽ پنهنجي مجلس ۾ بد ڪم ڪندا آهيو؟

الْمُنْكَرَ ط فَمَا كَانَ جَوَابَ قَوْمِهٖٓ اِلَّآ اَنْ قَالُوا ائْتِنَا
بڇڙائي، پوءِ نه هئو جواب ان جي قوم جو مگر هي چيائون ته آڻ اسان تي
پوءِ سندس قوم جي ورندي هن چوڻ کان سواءِ نه هئي ته

بِعَذَابِ اللّٰهِ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿٢٩﴾ قَالَ رَبِّ

عذاب الله جو جيڪڏهن تون آهين سچن مان. چيائين اي رب منهنجا

جيڪڏهن سچن مان آهين ته الله جو عذاب اسان وٽ آڻ. (لوط) چيو ته. اي منهنجا پالڻهارا

انْصُرْنِيْ عَلَى الْقَوْمِ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿٣٠﴾ وَلَمَّا جَآءَتْ رُسُلُنَآ ٣ ع ٨ ١٥

مدد ڪر منهنجي فسادي قوم تي. ۽ جڏهن آندي هئي اسان جي رسول

مون کي فسادين جي قوم تي مدد ڏي. ۽ جنهن مهل اسان جي قاصدن (ملائڪن)

اِبْرٰهِيْمَ بِالْبُشْرٰى ۙ قَالُوْٓا اِنَّا مُهْلِكُوْٓا اَهْلِ هٰذِهِ الْقَرْيَةِ ۚ

ابراهيم وٽ خوشخبري انهن چيو اسان تباهه ڪندڙ آهيون هن ڳوٺ وارن کي.

ابراهيم وٽ خوشخبري آندي (تنهن مهل) چيائون ته. اسين هن ڳوٺ وارن کي ناس ڪرڻ وارا آهيون.

اِنَّ اَهْلَهَا كَانُوْا ظٰلِمِيْنَ ﴿٣١﴾ قَالَ اِنَّ فِيْهَا لُوْطًا ؕ قَالُوْا

بيشڪ ان جا رهاڪو آهن ڏوهاري. چيائين ته ان ۾ لوط به آهي. چيائون

جو ته اتي رهڻ وارا ظالم (ٿيا) آهن. (ابراهيمؑ) چيو ته. بيشڪ اُن ۾ لوط آهي. چيائون ته جيڪو به

نَحْنُ اَعْلَمُ بِمَنْ فِيْهَا ٚ لَنُنَجِّيَنَّهٗ وَاَهْلَهٗٓ اِلَّا امْرَاَتَهٗ ٚ

اسان چاڻون ٿا تن کي جيڪي اتي آهن، ضرور بچائينداسون ان کي ۽ سندس عيال کي مگر زال ان جي

منجهس آهي، تنهن کي اسين چڱو ڄاڻندڙ آهيون. ڪيس ۽ سندس گهر جي ڀاتين کي ضرور بچائينداسون. سواءِ سندس زال جي

كَانَتْ مِنَ الْغٰبِرِيْنَ ﴿٣٢﴾ وَلَمَّآ اَنْ جَآءَتْ رُسُلُنَا لُوْطًا سِيْٓءَ

اها آهي پوئتي رهندڙن ۾. ۽ جڏهن اچي پهتا قاصد اسان جا لوط وٽ ته ڳڻتي ٿيس

جا باقي رهيلن مان ٿيندي. ۽ جنهن مهل اسان جا قاصد لوط وٽ آيا، تنهن مهل انهن جي (اچڻ) سببان ناراض ٿيو

بِهِمْ وَضَاقَ بِهِمْ ذَرْعًا وَّقَالُوْا لَا تَخَفْ وَلَا تَحْزَنْ قف

انهن جي ۽ تنگ ٿيو انهن جي ڪري دل ۾ ۽ انهن چيو نه ڊڄ ۽ نڪي ڏک ڪر.

۽ انهن جي (اچڻ) سببان دل تنگ ٿيو ۽ (انهن) چيو ته نڪي ڊڄ ۽ نڪي غمگين ٿيءُ.

اِنَّا مُنَجُّوْكَ وَاَهْلَكَ اِلَّا امْرَاَتَكَ كَانَتْ مِنَ الْغٰبِرِيْنَ ﴿٣٣﴾

اسان بچائينداسون توکي ۽ گهروارن کي مگر تنهنجي زال اها هوندي رهندن ۾.

بيشڪ اسين توکي ۽ تنهنجي گهر جي ڀاتين کي بچائڻ وارا آهيون. سواءِ تنهنجيءَ زال جي. جا باقي رهيلن مان ٿيندي.

اِنَّا مُنْزِلُوْنَ عَلٰٓى اَهْلِ هٰذِهِ الْقَرْيَةِ رِجْزًا مِّنَ السَّمَآءِ

اسان لاهيندڙ آهيون هن ڳوٺ وارن تي عذاب آسمان کان

بيشڪ اسين هن ڳوٺ وارن تي هڪ عذاب انهيءَ سببان آسمان کان لاهڻ وارا آهيون.

بِمَا كَانُوْا يَفْسُقُوْنَ ﴿٣٤﴾ وَلَقَدْ تَّرَكْنَا مِنْهَآ اٰيَةًۢ بَيِّنَةً

جو اهي بدڪاري ڪندا هئا. ۽ بيشڪ ڪري ڇڏيوسون ان ڳوٺ کي نشاني پڌري

جو بدڪار ٿيا آهن.۽ بيشڪ اِن ڳوٺ جي پڌري نشاني، سمجھندڙ قوم لاءِ ڇڏي سون.

لِّقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ ﴿٣٥﴾ وَاِلٰى مَدْيَنَ اَخَاهُمْ شُعَيْبًا ۙ فَقَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا

سمجھدار ماڻھن لاءِ. ۽ موڪليوسون مدين ڏانھن انھن جي ڀاءُ شعيب کي، پوءِ چيائين اي منھنجي قوم بندگي ڪريو

۽ مدين (وارن) ڏانھن سندس ڀاءُ شعيب کي موڪليوسون، پوءِ چيائين تہ، اي منھنجي قوم! الله جي عبادت ڪريو

اللّٰهَ وَارْجُوا الْيَوْمَ الْاٰخِرَ وَلَا تَعْثَوْا فِي الْاَرْضِ مُفْسِدِيْنَ ﴿٣٦﴾

الله جي ۽ اميد رکو آخري ڏينھن جي ۽ نہ ٿيو ملڪ ۾ فساد ڪندڙ.

۽ قيامت جي ڏينھن جي اميد رکو ۽ فسادي ٿي ملڪ ۾ نہ گھمو ڦرو. پوءِ ان کي

فَكَذَّبُوْهُ فَاَخَذَتْهُمُ الرَّجْفَةُ فَاَصْبَحُوْا فِيْ دَارِهِمْ جٰثِمِيْنَ ﴿٣٧﴾

پوءِ ڪوڙو چيائون انکي پوءِ ورتو انھن کي زلزلي پوءِ ٿي پيا صبح سان پنھنجن گھرن ۾ گوڏن ڀر.

ڪوڙو ڀانيائون، تنھن ڪري کين زلزلي اچي ورتو، پوءِ پنھنجن گھرن ۾ (ٿي) اونڌا ٿي (مري) پيا.

وَعَادًا وَّثَمُوْدَاۡ وَقَدْ تَّبَيَّنَ لَكُمْ مِّنْ مَّسٰكِنِهِمْ ۫ وَزَيَّنَ لَهُمُ

۽ ڪيوسون هلاڪ عاد ۽ ثمود کي ۽ ظاهر آهن توهان تي ڪي گھر انهن جا، ۽ سينگاريا انهن لاءِ

۽ عاد ۽ ثمود کي (چٽ ڪيوسون) ۽ بيشڪ سندن گھرن مان ڪي اوهان تي ظاهر ٿي چڪا آهن ۽ شيطان انهن لاءِ

الشَّيْطٰنُ اَعْمَالَهُمْ فَصَدَّهُمْ عَنِ السَّبِيْلِ وَكَانُوْا مُسْتَبْصِرِيْنَ ﴿٣٨﴾ ۙ

شيطان سندن عمل پوءِ روڪيائين انهن کي راهه کان ۽ هئا سمجهي سگهندڙ.

سندن عمل سينگاريا هئا، پوءِ کين (سڌيءَ) واٽ کان جهليائين ۽ (اهي) سمجھ وارا (بہ) هئا.

وَقَارُوْنَ وَفِرْعَوْنَ وَهَامٰنَ ۫ وَلَقَدْ جَآءَهُمْ مُّوْسٰى بِالْبَيِّنٰتِ

۽ قارون ۽ فرعون ۽ هامان کي، ۽ ڪٿي آيو انهن وٽ موسيٰ نشانيون

۽ قارون ۽ فرعون ۽ هامان کي (بہ چٽ ڪيوسون) ۽ بيشڪ موسيٰ پڌرن معجزن سان وٽن آيو هو.

فَاسْتَكْبَرُوْا فِي الْاَرْضِ وَمَا كَانُوْا سٰبِقِيْنَ ﴿٣٩﴾ ۚۖ فَكُلًّا اَخَذْنَا

پوءِ وڏائي ڪيائون ملڪ ۾ ۽ نہ هئا زور ٿيندڙ. پوءِ سڀني کي ورتوسون

پوءِ ملڪ ۾ وڏائي ڪيائون ۽ (اسان کان) اڳ ڪڍي ويندڙ نہ هئا. پوءِ سڀ ڪنهن کي سندس گناه

بِذَنْۢبِهٖ ۚ فَمِنْهُمْ مَّنْ اَرْسَلْنَا عَلَيْهِ حَاصِبًا ۚ وَمِنْهُمْ مَّنْ

گناهه جي ڪري، پوءِ انهن مان ڪو اهڙو هئو جو موڪليوسون ان تي پٿرن جو مينهن ۽ انهن مان ڪنهن کي

سببان پڪڙيوسون، پوءِ منجهائن ڪن تي سخت آنڌي موڪلي سون ۽ منجهائن ڪن کي

اَخَذَتْهُ الصَّيْحَةُ ۚ وَمِنْهُمْ مَّنْ خَسَفْنَا بِهِ الْاَرْضَ ۚ وَمِنْهُمْ

ورتو ڪڙڪي، ۽ انهن مان ڪنهن کي گسوايوسون ڌرتي ۾، ۽ انهن مان

ڪڙڪي (اچي) ورتو ۽ منجهانئن ڪن کي زمين ۾ گھايوسون ۽ منجهانئن

مَّنْ اَغْرَقْنَا ۚ وَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيَظْلِمَهُمْ وَلٰكِنْ كَانُوْٓا اَنْفُسَهُمْ

ڪنهن کي ٻوڙيوسون، ۽ نہ آهي الله اهڙو جو ظلم ڪري انهن تي پر اهي پنهنجو پاڻ تي

ڪن کي ٻوڙيوسون، ڪڏهن تيڻو نہ هو جو الله مٿن ظلم ڪري، پر هنن پنهنجو پاڻ تي

يَظْلِمُوْنَ ﴿٤٠﴾ مَثَلُ الَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَوْلِيَآءَ كَمَثَلِ

ظلم ڪندا هئا، مثال انهن جو جن بڻايا الله کان سواءِ ٻيا حمايتي جهڙو مثال

ظلم ٿي ڪيو. جن الله کان سواءِ (ٻيا) دوست ورتا آهن، تن جو مثال ڪوريئڙي جي مثال وانگر آهي،

الْعَنْكَبُوْتِ ۚ اِتَّخَذَتْ بَيْتًا ؕ وَاِنَّ اَوْهَنَ الْبُيُوْتِ لَبَيْتُ

ڪوريئڙي جو، جنهن بڻايو گھر، ۽ بيشڪ زور ڪمزور گھر آهي گھر

جنهن گھر ناهيو ۽ بيشڪ (سيني) گھرن ۾ وڌيڪ هيڻو ڪوريئڙي جو گھر آهي. جيڪڏهن

الْعَنْكَبُوْتِ ۘ لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ ﴿٤١﴾ اِنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا يَدْعُوْنَ

ڪوريئڙي جو، جيڪر اهي سمجهن ها. بيشڪ الله ڄاڻي ٿو اهو سڏين ٿا

(اها ڳالهہ) ڄاڻن ها (تہ ائين نہ ڪن ها). بيشڪ جنهن شيءِ کي الله کان سواءِ پوڄيندا آهن، سا جيڪا

مِنْ دُوْنِهٖ مِنْ شَيْءٍ ؕ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿٤٢﴾

انهي کان سواءِ جنهن بہ شيءِ کي، ۽ اهوئي زبردست آهي حڪمت وارو آهي.

بہ هجي تنهن کي الله ڄاڻندو آهي، ۽ اهو غالب حڪمت وارو آهي.

وَتِلْكَ الْاَمْثَالُ نَضْرِبُهَا لِلنَّاسِ ۚ وَمَا يَعْقِلُهَآ

۽ اهي مثال پڌايون ٿا ماڻهن لاءِ، ۽ نہ ٿا سمجهن انهن کي

۽ اِهي مثال آهن جن کي ماڻهن لاءِ بيان ڪندا آهيون، ۽ انهن کي ڄاڻندڙن کان سواءِ

اِلَّا الْعٰلِمُوْنَ ﴿٤٣﴾ خَلَقَ اللّٰهُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ

مگر علم وارا. پيدا ڪيو الله آسمانن ۽ زمين کي

ڪو ڪونہ سمجهندو آهي. الله آسمانن ۽ زمين کي (چڱيءَ) رٽ سان خلقيو

بِالْحَقِّ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّلْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٤٤﴾ ع

جيئن گھربو هئو، بيشڪ انهي ۾ نشاني آهي ايمان وارن لاءِ.

آهي، بيشڪ ان (ڪم) ۾ مومنن لاءِ (وڏي) نشاني آهي.

وقف لازم

ع ٤ ١٦

